# پسي ڳاڙها گل



رسول بخش پليجو

# پسي ڳاڙها گل

(ڪهاڻين جو مجموعو)

رسول بخش پليجو

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
حيدرآباد سنڌ
جنوري ۱۹۸۵ع

| | |
|---|---|
| ڪتاب: | پسي ڳاڙها گل |
| | (ڪهاڻين جو مجموعو) |
| ڇپائيندڙ: | بلاول لطيف |
| ڇپيندڙ: | سردار پرنٽنگ پريس، ڳاڌي کاتو، حيدرآباد - سنڌ |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | جنوري ١٩٨٥ع |
| تعداد: | ٻه هزار |

قيمت: 15-00
پندرهن رپيا

PASI GARHA GUL (A Collection of short stories)
By RASOOL BUX PALIJO
Printed at Sardar Printing Press, Hyd.
Published by Sindhi Adabi Publishing Agency,
Gadi Khato, Hyderabad - Sindh.

ڏالي

محروم ۽ مظلوم سڄاڳ سنڌياڻين جي،
جيڪي سهڻي لطيف جي سورمين جي نقش قدم تي هلندي،
پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جي تقدير بدلائڻ لاءِ،
همت ۽ سورهيائيءَ سان جاکوڙ پيون ڪن.

— رسول بخش پليجو

# فهرست


| | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ۰۱ | مختصر تعارف | ۱–۸ |
| ۰۲ | جتي باهه ٻري | ۹–۳۸ |
| ۰۳ | پسي ڳاڙها گل | ۳۹–۷۵ |
| ۰۴ | سچ جو ڏينهن | ۷٦–۸۹ |
| ۰۵ | اڄ آڪڙيا آئيا | ۹۰–۱۰۸ |
| ۰٦ | وڏيو هٿين تہ ويهہ | ۱۰۹–۱۱۵ |
| ۰۷ | بختاور | ۱۱٦–۱۵۲ |


(برسات ۾ ڇپيل
آگسٽ ۱۹۸۴ع

# مختصر تعارف

رڳو گذريل پنجن سالن جي عرصي ۾ لکيل سنڌي ادب جو ئي جائزو وٺبو ته به معلوم ٿيندو ته اسان ادب ۾ صحتمند ۽ صالح قدرن جو اضافو ڪندا رهيا آهيون. سنڌي اديب سنڌ ۾ لکندو رهيو هجي يا دنيا جي ڪنهن به ٻئي حصي ۾، هو هر حالت ۾ جديد ترين معلومات جي تلاش ۾ رهي ٿو، پڙهي ٿو، خيال ۽ حوصلي سان لکي ٿو، پاڻ کي ذميوار ۽ فرض شناس سمجهي لکي ٿو، بهترين تحريرون پڙهي ٿو، ڪوشش ڪري ٿو ته هو هڪ اديب جي زندگي گذاري ۽ انساني سماج ۾ جيڪو ڪم ڪيس ڪرڻ گهرجي سو ڪندو هلي. مخالف به انهيءَ ڳالهه جي اقرار ڪرڻ کان رهي نه سگهندا ته سنڌ جي اديبن جي اڪثريت فڪري طرز عمل رکي ٿي. سنڌ جا اديب نظرياتي وفاداريءَ جو ثبوت ڏين ٿا ۽ هر اهڙي سوال تي جيڪو ڪانئن نظرياتي سنگت ۽ سات جي تقاضا ڪري ٿو، هو پاڻ ۾ ملي اهڙي سنگت ۽ اهڙو سات ٻڌائين ٿا ۽ هڪٻئي سان سهمت رهڻ ۽ سهڪاري رهڻ جو عهدنامو ورجائين ٿا. اهڙا ئي دوست اسان کي سنڌي ادبي سنگت ۾ ملن ٿا ۽ ٻيءَ هر ادبيءَ سنگت ۾ به ملن ٿا جيڪا سڌريل ذهن جا نوجوان هلائين ٿا يا تجربيڪار اهڙا بزرگ هلائين ٿا جن جو ادبي تجربو اڌ صديءَ جي ادبي تجربي جيترو آهي.

اهڙي ئي پس منظر ۾ رسول بخش پليجو به لکندو رهيو آهي. اسان گذريل ٿورڙي عرصي ۾ عصري تحريڪن، همعصر قدرن، تاريخ جي ڪردار، نظرين جي متحرڪ قوت، ۽ جدا جدا

پليجي صاحب شاهه جي ڪلام جي باري ۾ تقريرن جي مدد سان جيڪو سمجهائڻ گهريو، ان کي به عام ماڻهوءَ توڙي اديب گهڻو پسند ڪيو ۽ سندس هڪڙو ڪتابڙو ”وڳ ڪيئن وسرياهه“ گهڻو پڙهيو ويو، جو ان ۾ ادبي تنقيد جي باري ۾ به وضاحتون ملن ٿيون ۽ اميد آهي ته پليجي محترم جو هي ڪتاب به تمام گهڻو پڙهيو ويندو، جو هن ڪتاب ۾ به صاحبِ ڪتاب جو اهو ذهن ڪم ڪري رهيو آهي جيڪو انقلابي قوتن کان متاثر آهي ۽ جيڪو پاڻ هڪ انقلابي قوت جو مظهر آهي: پر سڀ کان وڌ ڳالهه ته سندس زبان تصوراتي ادب (فڪشن Fiction)، ڪلچري ادب توڙي زراعتي ڪلچر جي زبان جي مثالي نثر کان سواءِ دل ڏوڙيندڙ خيالن جو هڪ بهترين مثال آهي. مثال طور پليجو صفحي ۴۲ تي لکي ٿو——

”۽ پوءِ ڳوٺ جا نوجوان هوندا هئا ۽ سندن اکيون هونديون هيون —— شوخ اکيون، گهوريندڙ اکيون، ٽڙتا ڪيندڙ اکيون، حيرت ڀريل وائڙيون اکيون، هيسيل اکيون، موالي اکيون، واجهائيندڙ اکيون، عبادت ڪندڙ اکيون، ڀيرن هيٺان وڃائجندڙ اکيون، چريون ۽ مست اکيون، ڍيچاريندڙ، منجهائيندڙ، دل جي تار تار کي ڇيڙيندڙ ۽ خوابن جي دنيا ڏانهن سڏيندڙ اکيون. اهي اکيون ڪيس ڪنهن اڻ چاتل ٻوليءَ ۾ چونديون هيون: ملوڪان، تون هن ڳوٺ ۾، هن ڌرتيءَ تي، هن آسمان هيٺ اڪيلي ۽ نرالي آهين. تنهنجو ڪوبه ثاني شريڪ ڪونهي. تون سونهن آهين“.

ملوڪان جي باري ۾ هنن اکين ۽ سونهن جو پس منظر ته شايد تحقيق گهرندو پر جيڪو موجود آهي اهو به پليجي صاحب جي پنهنجي اهميت جي خيال کان انتهائي اهم آهي ۽ اهو به وڏي غور جي دعوت ڏئي ٿو. پليجي جي ”ملوڪان“ ڪٿي رهي، ان جو ڇا ٿيو، سا خبر ناهي يا اها ملوڪان سندس ڪهاڻيءَ ”پسي ڳاڙها گل“ جي هڪ ڪردار ملوڪان ۾ به ڪا آهي، پر

هنن ڪهاڻين ۾ پليجو سنڌ جي عوام ۽ محنت ڪش مزدور ۽ هاريءَ جي سماجي حالتن ۾ انهيءَ جوهر جو متلاشي رهيو آهي جيڪو سنڌ ۾ تمام وڏي درجي ۾ معيار سان موجود ته آهي پر سنڌ جي اديب ڪي به گهٽ پاڳي ڏسڻ ۾ ڪونه آيو آهي. مصنف چاڪاڻ ته پنهنجي سياسي نظريي جو مبلغ به آهي جيئن هر نظرياتي اديب کي هئڻ گهرجي به، هو اهڙي سماج مان پنهنجي سماجيات جا اصول نا هي ٿو، سمجهائي ٿو ۽ پکيڙڻ گهري ٿو. پر هر ڪهاڻيءَ جي حالت ۾ هو سنڌ جي ذهن، ريت، حوصلي، همت ۽ برداشت جو راوي آهي ۽ اها ئي آها روايت آهي جنهن کي ”جيئڻ جي همت“ (Courage to live) ٿو چئجي.

هنن حالتن ۾ پليجو پاڻ کي به هڪ ڪردار جيان پيش ڪري ٿو — گهڻو ڪري هرهڪ سياسي ڪهاڻيءَ ۾. ڪٿي هو وڪيل آهي، ڪٿي قيدي ته ڪٿي هو پنهنجيءَ تحريڪ جو باني ۽ پرچارڪ. پر هر حالت ۾ هو سچو راوي آهي. هُن جو هر ڪردار سچو، حقيقي، جيئرو جاڳندو ۽ عوامي قسم جو ڪردار آهي. ڪردار عورتن جي باري ۾ به پليجي جو رويو اهڙو ئي آهي. ملوڪان ڪان وٺي بختاور تائين، جيئن پڙهندڙ پاڻ ڏسي سگهندا، هر عورت رڳو بهادر ۽ همت ڀري نه آهي پر حوصلي واري به آهي ۽ حسين ۽ جميل عورت به.

بيشڪ اها ڳالهه ممڪن آهي. ممڪن ڇا بلڪ سچي آهي ته پليجي سان ۽ ان جي سياسي فڪر ۽ طريقي سان ڪن پڙهندڙن کي اختلاف به هجي، پر اها ڳالهه به سچي آهي ته اديب پليجي سان اختلاف جي گنجائش تمام گهٽ آهي.

پر تنهن هوندي به اسان کي انديشو آهي ته پليجي جي ٻيڙيءَ تي سفر ڪرڻ وارن کان سواءِ باقي هر شخص، ويندي هنن لفظن جي لکڻ واري جي لاءِ به، وڏيءَ صراحت سان ائين چئي ٿو سگهجي ته ”ڪسي ڪہ ڪشتہ نہ شد از قبيلہء ما نيست“ (ترجمو: ”جيڪو ڪُٺو نه ويو آهي سو اسان جي قبيلي مان نه

آهي.) ان ڪري آءٌ ذاتي طور تي هنن لفظن لکڻ جي لاءِ پاڻ اڳ ۾ ئي پليجي کان معذرت گهرندي اهو لکڻ ٿو گهران ته ڪٿي به توهان مون سان اتفاق نه ڪريو ته مون کي افسوس ڪونه ٿيندو، جو آئي آءٌ سمجهندس ته مون توهان سان انصاف نه ڪيو هوندو.

هونئن اِها آهي به هڪ حقيقت ته هن ڪتاب جي رکو مهاڳ لکڻ لاءِ به آءٌ نه ٿو سمجهان ته آءٌ موزون قابليت وارو ماڻهو آهيان. پليجو به چوي ٿو ته "وڏيو هئين ته ويهه نه ته وٺيو واٽ وڃ تون!" پر هڪ اديب جو ادبي فرض؟
خير! خدا حافظ!

حيدرآباد، سنڌ

٢٠ ڊسمبر، ١٩٨٤ع

— م. ح. عاربادي

# جنّي ٻاهه پري

ڪتي جي ڀاڪ تي، سونا ڇرڪ ڀري، رلي منهن تان لاٿي. آهستي ڪري ننڍڙي موسي جي ٽنگ پنهنجي ٽنگ تان لاهي، ان تي رلي وجهي، اونداهيءَ ۾ سنڀالي سنڀالي پير رکندي، در وٽ اچي نهار ڪيائين. ٻاهر ماڻهن جو ڏنب بيٺو هو. ماسي رحمت واري ڳالهه سچي هئي. سندس دل ٻڏي ويئي.

”خميسا، خميسا — ابا آهي ڪو مڙس ماڻهو؟“

هن آواز سڃاتو. حاجي جمعي جو ڳرو، دهشت ڀريو آواز ڪير نه سڃاڻي!

”ابا، ابا،“ هن ڀڪو ڪري پٽس کي سڏيو. هلندي ديگڙي تان ٺاپو اچي ويس، ’آئي الله‘.

”چوري ڪجهاڙو آ؟“ خميسو ننڊ مان ٻاهوڙو ڪري اٿيو. جوٽس آمي ڇرڪ ڀري اٿي ويٺي، ”هان، ڪنهن سڏ ڪيو؟“ ”ٻاهر ماڻهو بيٺا آهن.“ سونا هنڌ تي ويهي رلي مٿان ڪندي چيو. سندس لڱ ساهه ڇڏيندا ويا. دل تي هٿ رکي ڏنائين، ڌڙ، ڌڙ! جهڙي ريل گاڏي.

”ڪير آن؟“

”حاجي جمو آ، ٻيا ته الائجي ڪير آن!“

”ڪجهاڙو ويو آهين؟ آڌين جو رُلي مٿا آهن!“

خميسي ٻڙ ٻڙ ڪري قميص وجهندي چيو ۽ پرچ هيٺان هٿوراڙيون ڏيئي ٻيڙيون ماچيس نهارڻ لڳو. ”پاڻين ڪر ڳل چاڙهيو آهي، ٻيو ڪجهاڙو آ!“ آميءَ چيو.

”پاڻم جو کهڙو ڏاڙو هيو آم؟“

”نظر نٿو پوني ڪ؟ پيٽيان آهين ته جڙد مڙد!“ عارب ڪِلي چيو.

”بس هاڻ اچي اجهيا آهيون. جڙديون مڙديون وييون.“ هوءَ گهر موٽي ويئي.

”خديسا، راڄ ڪان خبرون وٺ.“ حاجي جمعي ڪانب ڪڍي، وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي چيو.

”ادا ٻڌايو.“

”عارب ٻڌاءِ خبرون.“ حاجي جمعي دستور موجب اول ٻين کي آڇ ڪئي.

”نه، تون ٻڌاءِ.“

”هارون ملان ٻڌاءِ خبرون. ٻڌاءِ، ٻڌاءِ.“

”وريام، موسا، جانو؟“

ٻڌاءِ، ٻڌاءِ. پاڙيءَ هوندي تيم ڪونه ٿيندو؟“

”ادا، اسان جون مڙيئي خير، چائين سچائين ٿو....“

هئو.“

”يارن جا غلام....“

”مائٽ، چڱا مڙس!“

”اها پهر، الله ۽ الله جي رسول جي پاڙي ۾، آن يارن جي پاڙي ۾ پيا سات گذاريون. اڄ ويو هوس ٻني تي ور ڪرڻ. ٻني ۾ ماڻهن جي مالن ڪائي چٽ ڪري ڇڏي آهي، ڪو تير، تم وچي ڇڏيون آهي....“

”مون ڏٺي هئي تڏهن ته پلي هئي....“

”ويئي چٽ ٿي! صفا هٿ جي تري....“

”ها، هي سمن جو مال ڪنهن کي سگهو ساهه ڪٽڻ ڪونه ڏيندو. چوڻ وارو ماڙهو ڪونهي...“ سومار ملين چيو.

”ابا وَيچ ڪَنڏي ڪيري ٿي. انين جو ٽُڙ ڏاڍو آهي. چوڌري زبردست ماڻهو آهي. ڪنهن جي ڪانه ٿي هلي.“ حاجي سڪئي چيو.

ابي اما جا پٽ ٺاهي ڇڏين!‘ تڏهن هلي آن وٽ آيا آهيون، نه ته گهر کان واندو ڪير ڪونهي!“

سچي ميڙ تي سنجيده خاموشي ڇانئجي ويئي. سڀني جون تحسين ڀريل ۽ تاڪيد ڪندڙ نگاهون وڏيري ۾ هيون. عارب جي چالاڪيءَ جي هاڪ هئي، پر وڏيري جمعي جي ڳالهه ۾ جو تاثير هو، جيڪو خلوص، پنهنجائپ، همدردي ۽ ڏکي نظر هئي، سو ويٺلن جون دليون پگهرائي ڇڏيندو هو.

”خميسا، ادا تون وڏو آهين، سرهال آهين. سڀڪو توکي چوندو. توجي جيڏري ياقب کي ڪير به ڪونه چوندو. راڄ ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌيون. ياقب توجون چوريون ڪرايون، توکي ڇڏي وڃي ڪانڊيري جو ڪاچ ڪاڏائين، آها چڱي ڪانه ڪيئن. ڪير ڪٿس شاٻس ڪانه ڏيندو. ٻچڙي کي سڀڪو ٻچڙو چوندو، چڱو ڪير ڪونه چوندو!“

”ها، ياقب ته ڏاڙيل آهي!“ ياقب پڙ پڙ ڪري، پنهنجي منهن چيو.

موسي ڏونٺ هٽي آهستي چيس، ”هاڻ جهل وات.“

”اي ڪنهن وچ ۾ ڳالهائي ڪيو؟“ عارب ڪرڙي نظر سان ياقب ڏانهن نهاري پڇيو.

”ڪير ڪونهي. ها، حاجي تون ڳالهه ڪر!“ موسي چيو.

”مون تي چيو ته ياقب کي چڱ مڙسيون ڪونه ڪيون آهن. سڀڪو پيو ڏسي، انڌو ڪير ڪونهي. پر آءُ به ابا خميسا توجو، موجو ڪونهي. ٻچڙو آ ڪ چڱو. جهڙو آهي تهڙو، اڄ به توجو، سڀان به توجو. صبح جو شل هيٺري ڇهنبڙي نه پويس، سڀني کان اڳ تون لٺ کڻي بيهي رهندين. اسان کي چوندين، ’پيڻ .... پڇي پري ٿيو. مونجي ابي جي پٽ جو ڇو ٿا نالو وٺو.‘“

هن هلڪو ٽهڪ ڏنو. سچي ميڙ ۾ پڙيرائيءَ جي پڙ پڙ ٿي ويئي.

”ها سچي ٿو ڪري“، عارب ٽيڪو ڏنو.

وڏيرو وري گنڀير ٿي ويو: ”هيڏو ملڪ خدا جو آهي، سڀ چڱا مڙس ٻه ڪونه هوندا. سڀ ٻچڙا ٻه ڪونه هوندا. پنج چڱا ته پنج ٻچڙا ٻه هوندا. ٻچڙا ٻه ڪڏهن ڪونه ڇڏيا آن. اِنهن کي ٻه سڌاربو، سيکت ڏبي، ماري مڃائي وري ٻه پانجو ڪبو، تڏهن ٺيڪ پاس ٿيندو. ياقب ٻه گهڻو ٽڙدو ڦٽڙيو، ٻچڙايون ڪيئن. توسان وڙهيو. پر راڄ مان ڪنهن ٻه پاسو ڪونه ورتس. سڀني چيو ’ٻچڙي ٿو ڪري‘. نيٺ هاڻ نڪ پٽ سان لڳو آس. ڏٺئين ته ابي جي پٽ کان سواءِ نيٺ ڪين سرندي. تڏهن يار وٺي پالوَ گِرِي، تو وٽ اچي پيش پيو آهي. هاڻ وٺين ته مٿي ۾ مٽي وجهينس، موچڙن جي ڪنڍي ڪنڌ ۾ وجهينس، گڏهه تي چاڙهينس. وٺين ته يارن جو آيو سڃاڻي، معافي ڏيئينس. جيئن وڻئي تيئن ڪر. اسان کان يار ايتري پڇني، پريان توجي آ خوشي.“

عارب ٺهه ٺپ هڪل ڪري چيو، ”اڙي ياقب، اڃا معتبر ٿيو ويٺو آهين؟ اٿي پاڻي کي پٽڪو لاهي گراٽڙي وجهه.“ ياقب ڪجهه دير ڪئي، ته جانوءَ پٺيان ڌڪو ڏيئي آهستي چيس، ”ڙي اٿي.“ ياقب ڦڪو ڦڪو ٿي اٿيو: ”ادا مونجو پيءُ آهي. هونئين اچي ماڻهن جي چوڻ تي لڳي ايئن ٿيو آهي.“ ائين چئي پٽڪو لاهي ڪٺي خميسي جي پيرن تي رکيائين.

”ماڻهن جي چوڻ تي آءٌ لڳو آهيان جان تو حيا ڇڏي آ؟“ خميسي پٽڪو پيرن تان ڪٺي مٿي ۾ وجهندي چيو. هڪ لحظي لاءِ ٻنهي جون ٻانهون هڪٻئي جي ڳلي ۾ هيون. خميسي ڪاٻي هٿ جي ترِيءَ سان پنهنجي آلين اکين کي مهٽيو. ٻنهي ايئن ڏيکارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي جڻ سندن دلين ۾ هڪٻئي لاءِ اجهل چڪ ڪانه پيدا ٿي آهي، جڻ هڪ لحظي لاءِ هو وري ننڍڙي هوندي وارا سدائين وڙهندڙ، سدائين پرچندڙ، ڪمون ۽ ياقو ڪونه بڻجي ويا هئا، جڻ ڪين پنهنجي انهيءَ احساس تي ڦڪائي ڪانه پئي ٿي، جڻ پنهنجي آوازن جي سختيءَ، کهرائيءَ ۽ بي پرواهيءَ ذريعي درحقيقت هُو پنهنجي دلين جي نرمائي ۽

پئي آهي....‘ ان وقت حافظي جي اسٽيج تي هڪ ٻيو، نرالو، پنهنجو، پيارو، اصلي ياڳو نمودار ٿيو هو. هي اهو ياڳو هو، جيڪو ننڍي هوندي ڇورن سان وڙهندي جڏهن نه ڦٻندو هو تڏهن روئندي چوندو هو، ’آءٌ وڃيو ٿو ادا کي ٻڌايان ـــ ادا، ادا! مون کي عارب پٽر هنيا آن.‘ جيڪو ڇورن کي چوندو هو ـــ ’ڇورا ٻچو ته ڪيئن ۾ هلي ڪڍون. هتي ادا ڏسندو ته ماريندو.‘ ڪيس گهڻو زمانو اڳ جي هڪ شام ياد آئي. اکين اڳيان هڪ مڇن جي ساوڪ وارو، پريل، مضبوط ۽ آڪڙباز نوجوان آيس، جنهن کي ان شام جو کوهر تي ڪاوڙجي، سيني جي اڳيان، منهن تي مڪ هٽي ڪيڍي هئائين، نوجوان جو منهن ڪاوڙ وچان ڳاڙهي جهڙو ٿي ويو هو. سندس اکين مان چڻيون پڙڪي اٿيون، منهن وٽجي سٽجي پيانڪ ٿي پيو. ائين ٿي لڳو ته اجهو ٿو ڇيتي وارو ڇال هٽي پاڻ کان ڪمزور خميسي کي ڳچيءَ ۾ جهلي زمين تي ڦهڪو ڪرائي. هن جا هٿ، ٻانهون ۽ بدن ڏائجي، سيٽجي، ڇال مارڻ لاءِ تيار ٿيا. خميسو پاڻ بچائڻ لاءِ هٽڻ تي هو. اوچتو، اک ڇنڀ ۾، الائي ڪيئن، الائي ڇو، نوجوان جا هٿ، ٻانهون، سڄو جسم ساهه ڇڏڻ لڳو. سندس اکيون هيٺ ٿي ويون، ڇپ ٽڙڪڻ لڳا ۽ اکين تي آهستي آهستي آلاڻ جي چادر پئجي ويئي. هو پٽ تي ڦهڪو ڪري ويٺو ۽ ڪنڌ مونن ۾ هٽي سڏڪا ڀرڻ لڳو. پٽ تي گرڙي هارياءين، رڳو رت. ڏک مهارن ۾ لڳو هوس. جڏهن خميسي وڃي ڀاڪر پائي اٿاريس ته روڏي ڇيو هئائين ـــ ’ڇڏ مون کي.‘ ٻئي ڏينهن خميسي کيس هڪجيڏن کي چوندي ٻڌي ورتو ـــ ’ادا هو، جي ٻيو ڪير هجي ها ته....‘ ’ادا ـــ ادا ـــ ادا!‘ ڪيڏو نه پيارو لڳندو هو اهو لفظ خميسي کي! هي اکر اهي ماکيءَ ڦڙا هئا، جي سندس خشڪ زندگيءَ جي ڪڙاڻ کي دور ڪندا هئا. ڀٽس ڀلي کيس دٻائي، گوپال ڀلي کيس ڏگليءَ جا دڙڪا ڏئي، وڏيرو جمعو ڀلي کيس ’ڙي ڇورا خميسا.‘ ڪري سڏ ڪري، پر هو به ڪنهن جو ادا هو، وڏو هو، ادب جي جاءِ

ھو. ڪنهن کي مٿس فخر هو، سندس واسطي عزت هئي، ادب هو، احترام هو. کيس به ڪي خاص حق هئا. هو هڪڙي ڏاڙهيءَ-ڏٺي جوان کي، جنهن کان دنيا ڪن هڻندي هئي، بي پرواهيءَ سان ’ڇورا‘ چئي سڏي سگهيو ٿي. ’ادا — ادا — ادا —‘ ماڪيءَ کان به مٺا لفظ. هيترن سالن ۾ ياقوءَ ٻنهون سڀ نالائقيون ڪيون هيون، کيس نقصان رسايا هئا، سندس راڄ ۾ گهٽتائي ڪرائي هئي، پر کيس ساڻهون ڪونه ٿيو هو. هينئر وڏپڻ ۾ به جڏهن خميسو ڪاوڙجي چوٽ ۾ گار ڏيئي، مٿس آلر ڪري ايندو هو تڏهن ياقو رڳو ايترو چوندو هو، ’اي، هاڻ نهيو، نهيو. منجهين آهي ڪچاڙو؟ ٻين کي رونشو ٿي ايندو هو. ڪي خميسي کي جهليندا هئا. ڪي ياقوءَ کي اک هڻي مٿس ڪوڙو رعب رکندا هئا. ڪي پريان ٿي پيا چوندا هئا، ’وٺ پيٺيان جا پٽ! چاچا خميسو ڪاوڙيو آهي. اڄ ماما ياقب جو خير ڪونهي.‘ وڏا، هڪجيڏا چوندا، ’يلي پيڻ ... کي سڏاري. رڏي سڀ ياقب ۾ آهي.‘ پوءِ سڀ کلي وجهندا هئا، سواءِ خميسي جي. هو کلي، ياقب تي پنهنجو رعب گهٽ ڪيئن ڪري؟

اڄ، هيڏيءَ دشمنيءَ هوندي به خميسي کيس پريءَ ڪڇهريءَ ۾ گار ڏني هئي. ’پڙوا‘. ڪيڏيءَ نه حجت سان، ڪيڏي نه لڪل پيار سان، ڪيڏي نه فخر سان هن اها گار ڏني هئي ۽ چڻ ته ياقوءَ به ان جو مطلب سمجهيو هو ۽ ائين سهي ويو هو چڻ ته کيس ڪو انعام مليو هو!

هينئر جڏهن سندس دل ۾ هڪ گهرو روح تي ڇانئجي ويندڙ سڪون ۽ اطمينان هو ۽ جڏهن هن کلڻ چاهيو ٿي تڏهن به گنڀير هو....هو وڏو پاڻ هو.... ۽ پوءِ راڄ اٿي ويو ۽ هو گهر آيو.

هن ٻاڪس جي تيلي هڻي ڏٺو. آمي هنڌ ۾ ستي پئي هئي. هن کي خبر هئي ته هو جاڳي پيئي ۽ ان انتظار ۾ آهي ته خميسو کيس جاڳائي خبرون ٻڌائي ۽ اڃا هو يعقوب سان پرچاءَ جي ڳالهه ڪري مس ته هوءَ ڏاڪا ٻڌي مٿس چڙهي وڃي. کيس

هنيون ڪارو ڪري، اڪيون ہوتي، آنڌن-چاڌو پٽ اڇلائي وڏڻين سمونڊ ۾ ۽ پاڻ ڪي وڏي وچي ڪناري پيڙو ڪيئين.“ هن اٿاهہ داد جي جذبي ۾ ٻڏل آواز ۾ چيو. ”هلا پيٺان مڙس،“ جانوءَ ساڳيءَ عقيدت ۽ ساراهہ ۾ ٻڏل آواز ۾ چيو، ”پيو ڪو اسان جهڙو هجي تہ چوڻي پانجو پٽ بچايون، پاڻ وچي ڪڏ جي تري ۾ پوئي.“ ڪامل پوڙهي چيو: ”اڄ مڙس آهن ڪٿي؟ مڙس ويچارا ويا مري. اڄ سڀ وچي رهيا آهيون نالي جا مڙس. اڄ جتي ڪٿي بادشاهي آهي رنن جي. مڙس ويچارا ٻيا اڪ جي ٻوڇڙ مان نهارين تہ زال نہ متان ڪاوڙجي پئي. ابا ڳالهہ ڪندو هو تہ ’موسي متوائي جي ڏاڏي سليمت ڪا ننڍي هوندي حد سوهڻي هوندي هئي. چو تہ ڪر ڪو پريءَ جو ٻچو آهي ہي ڳالهہ ڪانهي. نڙيءَ مان پاڻي پيو ٻکندو هوس‘....“

”آن مائيءَ جون چوُن ٿا تہ ملڪ ۾ پوڪارون هيون،“ جانوءَ چيو. ”مون وڏيڻ ۾ ڏٺي هئي. تڏهن بہ مائيءَ جي حشمت جهلڻ جي ڪاڻ هئي.“ حاجي جمعي اقرار ڪيو.

”ننڍي هوندي چوُن ٿا اهڙي هئي جهڙو هي ماندان گولو رکيو آهينان. جڏهن مائي لائق ٿي تڏهن وڏا وڏا امير خاندان سندس سنگ لاءِ ميڙيون ڪري آيا. سائين عليءَ ڏنو شاهہ، هن سائينءَ جو ڏاڏو تہ ماڳهين چوُن ٿا تہ چريو ٿي پيو ۽ سڄو ڏينهن ’سليمت، سليمت،‘ پيو ڪندو هو. سليمت جي پي ياقب کي دين دنيا ۾ اولاد ئي اها هيڪڙي ڌيءَ هئي، تنهن تي ساهہ ڇڏيندو هو. ياقب جي وڏي پاڻ سلوءَ کي بہ هيڪڙو پٽ هو.“

”سيلو نہ پلئو. سلو تہ ننڍي هوندي چوُن ٿا تہ مري ويو،“ حاجي جمعي چيو. ”ها، پلو، سچي پلو. پلوءَ جو پٽ ڏو پريو. قدرت خدا جي ويچاري کي ننڍي هوندي ڪان ڪا ڳبت هئي، سو ٻنهي ٽمگن ڪان صفا چٽ ٿي ويو. ٻڌيءَ جي ٻڌي. رکيو ويٺو نهاريندو هو. مغز ۾ بہ پورو ڪونہ هوندو هو. ڪڏهين ڪڏهين ويٺي پوتاڙي ايندي هيس تہ جيڪا شيءِ پاسي ۾ ڏسندو

ڏيان؟ مونجي ٻه ته وس ڪونهي.' آخر هن گلو صاف ڪندي چيو، ”ادا، مون پنهنجي ڌيءَ وڏي آن راڄ جي جهوليءَ ۾. جيئن وڻنا تيئن وجهي ڪُهوس.“ سندس اکيون آليون ٿي ويون. پاڻس ڊوڙي اچي ڪيس پيربن پيو. وڏيري ڳراٽڙي وڌيس. هارون ملين، عارب ۽ جانوءَ پٺ نپري پيار سان چيس، ”شابس، شابس!“ سندس دل ڀرجي آئي.

اهڙيءَ طرح سونا جو سڱ حاجران جي پٽ رمونءَ سان ٿي ويو.

# پسي ڳاڙها ڳل....

هوءَ ڇرڪ ڀري جاڳي پيئي، سندس وات مان رڙ نڪرندي نڪرندي دٻجي ويئي. هن پنهنجي دماغ جي پوريءَ قوت سان آواز ڏانهن ڌيان ڏنو. در وٽ تمام هلڪو پر چٽو ٺڪاءُ ٿيو. در جو تالو ڪڙي سان آهستي ٽڪريو. پوءِ ڪجهه دير خاموشي ٿي ويئي. منٽ کان پوءِ وري ساڳيو آواز ٿيو. 'هوا.... نه، ماڻهو!' کيس محسوس ٿيو ته سندس لڱ ڪانڊارجي ويا آهن ۽ پيشاني پگهرجي ويئي آهي. هوءَ بي اختيار سٽ ڏيئي اٿي ۽ هڪ دل ڏاريندڙ گونگي رڙ ڪري وري پلنگ تي ڪِري پيئي. ڪجهه دير سور کان ماندي ٿي پيئي هئي، ٻه پائيات جا ڪارا ڦڙا وهي اچي سندس وات ۾ پيا، پوءِ پيا ڦڙا ٻه مٿئين چپ جي اندرئين پاسي کان وات ۾ ٽمندا رهيا. رت، هن سوچيو. دانهن ۽ سور کي روڪڻ لاءِ هيٺئين چپ ڪرٽڻ ڪري نڪتل رت. هن سٽي ڏئي زخمي چپن کي پڪوڙي رت جي گرڙي ٻاهر اڇلي. رت ۽ ٿڪ سان سڄو ڳل ڀرجي ويس. هن ساڄيءَ ٻانهن کي آهستي ڏونٺ جي ٽيڪ ڏيئي مٿي چوريو. کيس ائين لڳو ڄڻ سندس ٻانهن سان آن جي ڳوڻ ٻڌي ڇڏي اٿن، جا چرڻ کان ڀري آهي. 'هيءَ سچ پچ منهنجي ٻانهن آهي؟ هوءَ سوچڻ کان سواءِ رهي نه سگهي. ٻوءِ ياد پيس ته سندس پٺن، ٽنگن، مٿي، ڳچيءَ، هٿن ۽ منهن تي اهڙيون ڪئين ڳوٽيون لڏيل آهن، جنهنڪري آهي ٻه ڪيڏانهن چوري پوري نٿي سگهي. نيٺر واري ڳالهه کيس صفا وسري ويئي هئي. جڏهن ياد پيس تڏهن ساڄيءَ ٽنگ کي سور جي باوجود چوري ڏٺائين. 'ها. اها اتي ئي هئي.' تي

ڏيئي چوندي هيس: ”مرڻ، ملوڪڙي ڪا آهين تنهنڪري پرايون گڏيون ڦٽائيندينءَ، هان؟“

پوءِ شاديءَ ۾، غميءَ ۾، پين ڳوٺن جون زالون سندس ڳوٺ جي زالن ڪان پڇنديون هيون: ”ادي اها ڳاڙهي چولي، مونڙي جي سٿڻ واري چوري ڪير هئي؟“ ”ڪهڙي؟“ ”ادي مٺيس، هيءَ جيڪا سوير ڪانڌ هتي ويٺي هئي، ڳوري منهن، ويڻل مٿي واري؟“ — ”ادي ها، ملوڪان تي چوئين؟ اها، اما، جنان پائيءَ جي ڌي آهي.“ ”چوريءَ جي ته حشمت جهلڻ جي ڪانه هئي. چو ته ڪر ڪو سچ جو تڪر آ بي ڳالهه ڪانهي!“ ”ها، ماسي، چوري اها لکن ۾ هيڪڙي آ.“ پوءِ پوڙهيون چونديون هيون: ”اما، سهڻا ته ٿوه به پٽن ۾ پيا آهن. الله شل صالح ڪريس.“ ”ها، اما، شل جڳ جهان جي ڌين جي سولي ڪندي ٿئي.“

۽ پوءِ ڳوٺ جا نوجوان هوندا هئا ۽ سندن اکيون هونديون هيون — شوخ اکيون، گهوريندڙ اکيون، ٽڏڙا ڪيندڙ اکيون، حيرت پريل وائڙيون اکيون، هيسيل اکيون، سوالي اکيون، واجهائيندڙ اکيون، عبادت ڪندڙ اکيون، پيرن هيٺان وڇائجندڙ اکيون، چريون ۽ مست اکيون، ڊيڄاريندڙ، منجهائيندڙ، دل جي تار تار کي ڇيڙيندڙ، ۽ خوابن جي دنيا ڏانهن سڏيندڙ اکيون. اهي اکيون ڪيس ڪنهن اڻ چاتل ٻوليءَ ۾ چونديون هيون: ’ملوڪان، تون هن ڳوٺ ۾، هن ڌرتيءَ تي، هن آسمان هيٺ، اڪيلي ۽ نرالي آهين. تنهنجو ڪوبه ثاني شريڪ ڪونهي. تون سونهن آهين، تون منزل آهين، تون انساني ڪمزورين، مجبورين، خوشين ۽ غمن کان بالاتر آهين، تون ڳوٺ جي سمورين شين ۽ ماڻهن جي مالڪ مختيار آهين، فقط تنهنجي سونهن ۽ تنهنجي جواني اٽل آهن، لافاني آهن، ٻيو سڀڪجهه هيچ آهي، بي معني آهي، فاني آهي.‘ ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ ۾ گم، هر شيءِ ۾ موجود، هر شيءِ کان بي‌نياز، هوائن ۽ موسمن، سج ۽ چنڊ، زندگيءَ ۽ موت کي پنهنجين نازڪ مٺين ۾ بند ڏسندي، خيالن جي ڪڪرن

نڪن کي موڙا ڏيئي، ٺٺوليءَ ۽ نفرت وچان چوندو پيو هو، ”اڙي ڦلاڻي ڪهڙي نڪ سان ٿي مرڪي، ڏيٺس ٻچڪي ڪنواري هوندي جيڪي گل ڪيا آهن، تن جي ته ڳوٺ ۾ خواري پئي!“ ”اڙي آن رن کي ته پئڻ به نٿو اچي!“ ”ماسي اها ڇوري متان وٺين، بنهه بدچال آهي.“ اهي ڳالهيون ٻڌي، ڪيس انهن ”بدچال“ ڇوڪرين لاءِ ٻيڇان ۽ ڌڪار ٿيندي هئي. بي‌حيائن کي بدچال ٿيندي شرم به نٿو اچي. هوءَ سمجهي نه سگهندي هئي ته هو ائين ڇو ٿيون ٿين. ننڍڙي ٻار کي به خبر آهي ته بدچال ٿيڻ ڪيڏو خراب آهي. سڄي ڳوٺ ۾ خواري ٿيندي. ماءُ پيءُ وٽ ڪٿي جهڙي عزت هوندي. کوهه تي، گس پنڌ تي، شاديءَ مراديءَ تي، سڀڪا رن اشارا ڪري چوندي، ”اڙي اها ڇوري بدچال آهي.“ پوءِ به هرويرو بيوقوفن کي ايترو به عقل ڪونهي يا شايد آهين ئي اهڙيون! ڪيس پڪ هئي ته ڪيس ڪو لک رپيا ڏئي يا ڪهي وجهي ته ته به جيڪر هوءَ بدچال نه ٿئي. بلڪل ائين جيئن ڪو لک رپيا ڏئي يا ڇا به ڪري ته به ماڻهو ڍوند نه کائي يا مٺل ڪٿي جي پرسان نه وهي.

هن پوءِ خواب ۾ ڏٺو ته هڪڙو ڇتو ڪتو سندس پويان پيو آهي، پاڻ ڊيهون ڪندي ڀڄندي وڃي، ڪيس پير ۾ ڪنڊو لڳو آهي، ڏاڍو سور اٿس پوءِ به منڊڪائيندي ڀڄندي وڃي، وڃي متان ٿوهر تي پيئي آهي، ڪتو ويجهو پوندو وڃي، اجهو هاڻ چڪ وجهي ٻوٽ ڪيدي ورتائين. هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي آهي. سندس اک کلي پيئي. سڄي پيئي ٿڙڪي. بدن پگهر سان شل ٿي ويس. پنهنجي هنڌ تان اٿي وڃي ماڻس وٽ ستي. ڳيچ تائين دل ئي دل ۾ ڪلما پڙهندي رهي.

ڳيچ ڏينهن گذري ويا. ملوڪان جو خيال هو ته يارو ضرور پنهنجي حرڪت تي شرمسار ٿيندو ۽ پڇتائيندو يا وري ڪيس تنگ ڪندو. پر ڏسڻ ۾ آيو پئي ته هو اٽلو ملوڪان تي ناراض هو. آرتوار ڏينهن ڪپڙا ٻه ڪونه ڌوئاريائين، شهر جي

ڏينهن گذرندا ويا ۽ ڪيتريون ئي ڳالهيون ٿيون.

هڪڙي ڏينهن غوثوءَ جي زال سومل، گهج کڻي آئي. ملوڪان ۽ ماڻس ويٺيون هيون. ”مايون گهج وٺنديون؟ .وڻي پٺاڻ کان پر ڪپڙا ورتا هئم، سو هاڻ ڏندو کڻي اچي در تي ويٺو آهي. ٥٠ جو آهي. آئين کڻي ٤٠ ڏيوم. ٤ تولا ته رڳو مقيش لڳو اٿس.“ هوءَ گهج اٿلائي ڏيکارڻ لڳي. ستارن ۽ ٽڪن جي جرڪ جرڪ ملوڪان جي دل ۾ ڪتڪتايون ڪرڻ لڳي.

”نه ادي، اسان کي ڪونه کپي.... ۽ اسان جو جمعو اڃا پلي مڇي مڙس ٿئي.“ ماڻس ظاهري طرح بي تعلقيءَ سان چوڻ لڳي.

”ڪو، مائي؟“ سومل بگڙي ويئي، ”هيءَ ملوڪڙي مومل جا ويٺي اني! ان ڏوهه ڪيو ڪ؟“ ”ان جو به ڪو ڳس ته ٿئي، اڃا ته مون وٽ ويٺي آهي.“ ماڻس ڳرائيءَ سان چيو.

”لئي مائي، نالي الله جي، هاڻ چڏ مُهن جي پڪائي!“ سومل وڏو وات ڦاڙي، شرارت سان چهرو ڏيئي ڀار سان چيو. ماڻس مرڪي وڌو. ملوڪان سچي ڳاڙهي ٿي ويئي. ايتري ۾ بارو الائي ڪٿان اچي نڪتو. سومل جي جڻ الله ٻڌي. ”ڏهيو مائي، گهج جا ڏڻي اچي ويا.“ چئي، گهج ٻاروءَ کي ڏيئي، شوخيءَ سان حڪم ڏنائين: ”ابا نينگرا، ڪڍ چاليهه رپيا ٻاهر. پڦين پائڻي تي ته سڄو جهان اندو ٿي ويو آهي.“ ملوڪان جي ماءُ مصنوعي ڪاوڙ سان چيو: ”ابا، تون وڃي پاهنجو ڪم ڪر، هيءَ آهي واندي!“ ملوڪان ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر نڪري ويئي، ڄڻ سندس بدن ۾ هزارين لڪيون، ننڍڙيون ننڍڙيون، مٺو مٺو سور ڪندڙ سيون لڳي ويون. مائي سومل ٻاروءَ کي گهج آخر مٿي ۾ مڙهڻ ٻنان نه ويئي ۽ هن پٺاڻ کي منٿون ڪري اٺن ڏينهن جي مهلت ورتي.

هو مائٽن کان گهج جا پئسا وٺڻ ويو ته مورڳو ماڻس به ساڻس گڏجي آئي. مائي گهج ڏانهن ڏسيو، وريو ملوڪان ۾ ٿي ڏٺو، ۽ هڪ اٿاهه ۽ پياري مرڪ سڄو وقت سندس چپن تي کيڏندي رهي. جيڪي به ڏينهن رهي، سو ملوڪان کي هڪ پل به پاڻ

ٿيندو؟ سڀڪو پنهنجي ڌيءَ پٽ جو ڀاڱ وارث آهي. انهن ته ملوڪان جي ماءُ ٻه ڌارين آهي ڀوءِ؟ اڳي ڪا ڌاري زال پنهنجي راڄ ۾ آئي آهي؟" "سا ته ڳالهه برابر. پر اما هيترو راڄ ستار ويٺو هو تنهن ۾ جاءِ ڪانه ٿي لڌي، جو وڃي ٻي ذات ۾ ڏنئون! ڳالهه وڏي ڪانهي؛ راڄن ۾ اهڙيون ڳالهيون ٿيون ٿين. سڀ مسلمان آهيون، پر جي ڪنهن اعتراض وٺي وڌو ته ڀوءِ گهڻو فساد اٿي پوندو." هڪڙيءَ پوڙهيءَ چيو. ملوڪان جو منهن هڪدم پيلو ٿي ويو، ڄڻ ته ڪنهن وڇونءَ سندس ڇاتيءَ ۾ ڏنگ هڻي ڪڍيو. مس مس گهڙا لاهي سڌو وڃي ماڻس کي ٻڌايائين. ماڻس ٻه گهٻرائجي ويئي. شام جو پٽس ڳالهه ٻڌي ٻاهر ٿي ويو. "راڄ جي .... کي ....! راڄ ڪو اسان کي ڏاڪون ڀري ٿو موڪلي ڪ! ڏسان ڪير ٿو مونجي ڌيءَ پٽ جي ڳالهه ۾ پئي."

ٻه ڏينهن گذري ويا، سومهڻي مهل هئي، ڪنهن در اڳيان سڏ ڪيو. ملوڪان جو پيءُ نڪري ويو. "ڪير هو؟" جوڻس موٽندي پڇيس. "رمون هو." ملوڪان سمجهي ويئي: رمون وڏيري جاڙي جو ڌراڙ هو. جڏهن هو موٽي آيو تڏهن ڪجهه دير سڄي راڄ کي گاريون ڏيندو رهيو. "آءٌ ڪنهن جوڻس .... جي ڪڙئي تي ڪونه ويٺو آهيان،" هن غصي ڀريل آواز ۾ چيو. "آءٌ پنهنجي ڌيءَ ڪٽي ڪنهن نوريءَ کي ڏيئي ڇڏيان. هنن ڀيڻ .... جو ڇا وڃي؟"

ٻي رات سڄو راڄ اسڪول ۾ گڏ ٿيو. جڏهن ٽيون دفعو ماڻهو آيو، تڏهن جوڻس مٺل آواز ۾ چيس: "هاڻي اٿي وڃي سامهون ته ٿي." پوءِ سڄي رات زور زور سان ڳالهاءِ ٿيندا رهيا. ڪتا ڀوڪندا رهيا. وڏيءَ آڌيءَ جو مس هو گهر موٽيو. پڇا تي ڪتي وادگر ٻاهوڙو ڪري چيائين: "راڄ مان ٽا ڪڍن، رن...." سڄي گهر ۾ مايوسي ڇانئجي ويئي.

ٻه ٽي ڏينهن گذري ويا. ملوڪان موت جي اونداهي غار ۾ ٿاٻڙندي رهي. ياروءَ جي وات مان هڪڙو اکر نٿي اڪليو.

هوءَ ٽي مهينا اڳ گهران نڪتي هئي. رات جو گهران سڌو اسٽيشن تي چڙهي حيدرآباد آيا هئا. اتي نڪاح وجهايو هئائون. ملوڪان کي سوچي ڀاڻ تي فخر ٿيو ته هڪدم نڪاح سندس ئي زور ڀرڻ تي پيو هو، نه ته ڀارو ايترو جلد حيدرآباد جهڙي شهر ۾ ظاهر ٿيڻ جو خطرو کڻڻ لاءِ تيار نه هو. ملوڪان کي خبر نه هئي ته نڪاح ڪيڏو ضروري هو. ڀاروءَ جو پيءُ کين في الحال ڀاڻ وٽ رهائڻ لاءِ تيار نه هو. ”راڄن جي ڳالهه آهي.“ هن چيو هو. ملوڪان کيس گهڻو ئي سمجهايو ته ’بابا ڀاروءَ کي ڀاڻ پنهنجو پٽ ڪيو آهي ۽ ڪيئن هو سڄي راڄ کي سامهون ٿي بيٺو هو!‘ پر پوڙهي دل پئي هٽئي. تنهنڪري لاچار کين هتي اچي رهڻو پيو هو.

هڪڙو ننڍڙو چڪمرو ٽتر پڙڪو ڏيئي اچي پريان پوتي ۾ ويٺو. ملوڪان سندس سهڻا رنگبرنگي پک غور سان ڏسڻ لڳي. ايتري ۾ ڪنهن پٺيان اچي ڀاڪر وڌس. سندس منهن خوشيءَ وچان ٻهڪي اٿيو ۽ ورائي کيس ڪڻي ڳراٽڙي وڌائين. ڪيسي ۾ هٿوراڙيون ڏيئي، پان ڪڍي کاڌائين. پوءِ ٻئي هلندا درياهه جي ڪپ تي اَن وڻ وٽ آيا جتي هميشه اچي شام جو ويهندا هئا. ملوڪان پنهنجا پير کڻي پاڻيءَ ۾ وڌا. پاڻي ٿڌو ۽ فرحت بخش هو. سٿڻ کڻي گوڏن تائين ڪيائين. ڀاروءَ به ائين ڪيو. پوءِ هن ساڳيو سوال پڇيو: ”ڀاڻ بابا جن ڏانهن ڪڏهن هلنداسون؟“ ”اڃا ٿي ڏينهن دير آهي.“ ڀاروءَ بي يقيني طرح چيو. ”اڃان ته تو واري راڄ جا ماڻهو گوڙ بند نٿا ڪن. روز سيد پير وٺيو بابا جي در تي بيٺا آهن.“ پوءِ ٿوري دير رکجي چيائين: ”پٺهين ۽ پاڻهين به ميڙ سان ڳڏ هئا.“ ملوڪان واڏڙي تي ويئي. ”بابا جن انهن مروانن سان ڇا جي ڪري آيا؟“ پوءِ چيائين، ”بابا کي زور ڪري وٺي آيا هوندا ڦڪائيءَ کي پرچائڻ لاءِ. باقي بابا ٿو ساڻن اچي!“ ”ائين ئي هوندو.“ ڀاروءَ بي ويساهيءَ سان چيو. ملوڪان کي وري پور آيو. ”ڪڏهن هل ته رات جو لڪي هلي بابا جن وٽان ٿي اچون.“

لڳي. هڪدم اعلان ڪيائين: ”بابا جن کي ٻه ڪڏهن وٺي اچي ڪيل ڏيکاريندا سين نه؟“ ياروءَ هائو ڪئي. شهر ۾ ايترا ماڻهو، ايتريون شيون، ايتريون روشنيون ڏسي، هوءَ حيران ٿي ويئي. يارو کيس قسمين قسمين شيون ۽ ميوا وٺي ڏيندو هو.

پر هو گهڻو وقت شهر ۾ رهي نه سگهيا. غيرحاضريءَ سبب ماستريءَ مان جواب ملڻ بعد يارو حيدرآباد ۾ خانگي نوڪريءَ لاءِ ڊڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو پر ڪامياب نه ٿيو. ازانسواءِ شهر ۾ هو ڪلم ڪلا هلڻ کان به ڊنو ٿي. ٻڙس جو فصل به هيل ڪونه ٿيو هو، سو دل ۾ لاچار هو. آخر هو ٽنڊي محمد خان پاسي هڪڙي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا جتي کيس هڪڙي ننڍي زميندار وٽ سٺ رپين جي منشيگيري ملي ويئي.

جهرڪيءَ جي چرچر تي هوءَ جاڳي پيئي. ڪنڌ هيٺان ياروءَ جي ٻانهن ڪيدي، سندس مٿين ٻانهن لاهي، پاسو بدلائي، ٽنگون آجيون ڪري، پٺ ڀر ٿي ته کيس ٽنگن تي ٿڌ محسوس ٿيڻ لڳي. هن ٽنگ ڊگهيري، پير جي آڱوٺي ۽ وچينءَ آڱر سان هڪڙو ڪپڙو چڪي هٿ ۾ ڪيو. پوءِ پاڇن جي زنانن بخين کي هٿ لائي، پڪ ڪري، پائڻ لڳي.

”يارو! يارو!“ هن کيس ڏونڌاڙيندي چيو. يارو کيس آهستي ڏڪ هڻي، ”ڇڏ ته سهي“ چئي، پاسو ورائي، وري سمهي رهيو. ”مون کي چاهي، ڀلي ٻنپهرن تائين اهڙو ستو پيو هج. ڀلي ماڻهو اچي ڏسنئي!“ ملوڪان ناز سان چيو. ’بي‌افعالو!‘ هن دل ۾ پيار سان چيو. تڏهن کيس ياد آيو ته ڪلهه هو ٻيئي وڙهيا هئا، تمام گهڻو. هونئن ته هو هاڻ اڪثر تکو ٿيندو هو. پر ڪلهه ائين ٿي لڳو ڄڻ هي اهو يارو ئي ڪونه هو. ڳالهه به ڪجهه ڪانه هئي. پاڙي واريءَ مائيءَ جو پٽ بيمار هو تنهن کي ياروءَ کان پڇڻ کان سواءِ پنجاهه رپيا اڌارا ڏنا هئائين. مائيءَ خدا جا واسطا پئي وڌا ۽ اچي سيڻڌ ڏنائين ته صبح جو ڪڪڙ وڪڻي پئسا موٽائي ڏيندي. پر مائيءَ پئسا موٽايا ڪونه. هوءَ مائيءَ سان وڙهي پيئي

هاڻي پناهه ڏيڻ وارا رن پٽ هلي ڏيکار. سچي سچي ٻڌائج، نه ته وري ساڳيو حال ٿيندي!" ٿلهي ڪاري پستول واري صوبيدار، ياروءَ کي ڌمڪي ڏني. "رن، سنڌ ۾ پونگڙا وجهون ٿي ها، پر دعا ڪر وڏيري جاڙي کي، جنهن جو لحاظ اٿئون. نه ته تون به ماءُ.... ياد ڪرين ها." هن ملوڪان کي ٺڏو هڻندي چيو.

گاڏي اسٽيشن جي ويجهو پوندي وئي. 'الائي هن ٽيشن تي لاهيندا يا نه؟ ڪهڙي خبر ٻاهران ئي ٻاهر ڪنهن جي حوالي ڪري ڇڏين. باباجن کي خبر ئي ڪانه پوندي. رڳو شل باباجن مان ڪو ماڻهو مون کي ڏسي وٺي!' جيڪي ٿيو هو، تنهن تي هن سوچڻ نٿي چاهيو. هن ڪجهه ڪرڻ چاهيو ٿي. هاڻ سندس وارو هو. هوءَ ياروءَ کي ضرور حاصل ڪندي. هن سڄي ڳالهه وات ۾ ئي سوچي ڇڏي هئي. 'بابا کي چوندس، ڪيئن به ڪري هن ڳوٺ مان هلي اتر ۾ رهون. اتي پنهنجون گهٽيون. بابا نه مڃيو ته ڪيئن به ڪري کيس مڃائيندس. پيو بابا کي چوندس ته ڪٿان به آڌارا سڌارا وٺي صوبيدار کي ڏيئي، ياروءَ کي ڇڏائي اچي. ياروءَ لاءِ بابا سر جي سٽ ڏيندو. پوءِ سڀ گڏجي هلي هيڪاندا رهندا سين.' هن سوچيو. 'بابا کي سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائيندس ته ياروءَ سان ڪهڙا حال ٿيا آهن. مون سان ڪهڙيون جنيون ٿيون آهن. پوءِ بابا ضرور مڃيندو. بابا منهنجي ڳالهه ڪڏهن به ڪونه موٽائيندو. رڳو خدا ڪري بابا سان گڏجڻ ڏينم.' انهيءَ فيصلي تي پهچڻ بعد هن جي بدن ۾ جڻ ساهه پيو هو. 'ياروءَ جي ڳالهه ٻڌي، بابا، امان، جمعو سڀئي باهه ٿي ويندا. آءٌ جڏهن لڏڻ جو چوندس تڏهن بابا ڀريائين دل هڻندو، ڳٽيون پڇائيندو، امان ۽ جمعو به ٻڌ-ڌر ڪندا، پوءِ آخر امان منهنجو پاسو وٺندي ۽ جمعو به. پوءِ بابا به مڃيندو، ضرور مڃيندو.' کيس خبر هئي، سڀ خبر هئي. 'پر بابا چوندو، تون بنان موڪلائي ڇو وئينءَ؟' اوچتو ذهن جي ڪنڊ مان هزار دفعا اڳ پيدا ٿيل سوال وري پيدا ٿيو ۽ ان جو اڳي ئي هزار دفعا سوچيل سمجهيل جواب

لڙڪن جون سريون پاڻمرادو وهي اتي هليون. سندس ڇپ ٽڙڪڻ جي ڪرڻ لڳا. وات ڏورو پئيو. ڇپ تارونءَ طرف اپري پر سور وچان ڪانئس سڌڪو نڪري نه سگهيو. نه، هن سوچيو. سندس اکين اڳيان ڪلهوڪو جمعو ڦري آيو. هن سوچيو ته اهڙي شيءِ اڳ به ڪٿي ڏٺي هيم. هوءَ ياد ڪرڻ لڳي ۽ ياد اچي ويس. سندس ٻلي ڏاڍي شرير هوندي هئي. روز الائي ڪٿان ڪوئا جهلي ايندي هئي. سڄو ڏينهن پيئي رانديون ڪندي هئي، جاري تان ڦيهيءَ تي، ڦيهيءَ تان سندس ڪلهي تي، اتان وري ڇت ڏانهن پيئي ٽپندي هئي. هڪڙي ڏينهن هن ٻليءَ جون دانهون ٻڌيون. ڊوڙي وڃي ڏٺائين ته هڪڙو وڏو ريڇ جهڙو ٻجر ڪتو ٻليءَ کي دسي، رانبوڙن سان چيري رهيو هو. ڪتي جي منهن تي هڪ عجيب، ڀيچاريندڙ ڏڪار ۽ خونخوار وحشت هئي جيڪا جيڪا هن اڳي ڪنهن به شيءِ ۾ ڪانه ڏٺي هئي. پوءِ ڪيترا دفعا خواب ۾ ان ٻجر ڪتي جي شڪل ڏسي ڏڄي اٿندي هئي. ڪلهه جمعي جي شڪل ڪيس ڪيترا سال اڳ جي اها وساريل وحشي ۽ ڏڪار ڀريل شڪل ياد اچي ويئي. اهڙي خونخوار شيءِ اڳيان ليلائڻ! هن ٿڪ اڇلڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٿڪ سندس سڄيل چپن کان ٻاهر وڃي نه سگهي.

ٻاهر ڪو ڪتو ڀونڪي اٿيو. ٻيو ڪتو ڀونڪيو، پوءِ ڪيترا ڪتا ڀونڪڻ لڳا. هن جو مٿو سور کان هاڻ بلڪل ڦاٽو ٿي. ڪيس چپن تي ۽ ڳلي ۾ خشڪي محسوس ٿيڻ لڳي، ”پاڻي!“ تصور ۾ آهو سوچي هوءَ ڏڪي ويئي ته هاڻ پاڻي شايد سندس لاش کي پئي تي نصيب ٿئي، سندس دل زور زور سان ڌڪڻ لڳي. پر پوءِ ڪيس پنهنجو پاڻهين سڪون اچي ويو. هن جو دماغ وري سوچڻ لڳو. جيڪڏهن سوچڻ بند ٿي ڪيائين ته بدن جي زخمن جو سور برداشت نٿي ٿي سگهيو. سوچڻ ڪري سندس ڌيان ان چرئي سور تان ڪجهه هٽي ٿي ويو. هن خواه مخواه سوچيو ته جيڪڏهن جيئري رهيس ته پوءِ ڇا ٿيندو. هن تصور

دل جي ڌڙڪ رڪجي ويئي، هن پنهنجي بدن کي سيٽي، ڪهاڙيءَ جي ڌڪ لاءِ تيار ڪيو. هن پنهنجي بدن ۽ روح ۾ موت کي گهڙندي محسوس ڪيو. ڪو اندر گهڙي آيو.

"ڇوري ڪيئن آهين؟" هن پٽس جو هٿ پنهنجي مٿي تي ڦرندو محسوس ڪيو. سندس روح مان گونگي ريهه نڪتي. "بابا." هن سڏڪا ڀري چوڻ چاهيو. "بابا! تو مون کي ڇو ماريو؟ بابا؟ بابا!"

"مائٽ کي لعنت آهي ابا!" پٽس آهستي چيو. "ننگ جهڙي ڳالهه آهي نه ته..." سندس گلو ڀرجي آيو. پوءِ هو پڙ پڙ ڪندو ڪجهه چوندو رهيو. پر هن ڪجهه ڪون ٻڌو. 'سڀ ڪوڙ' هن سوچيو. 'سڀ ڪوڙ! ڏکيءَ مهل زال ذات جو ڪهڙو پيءُ ڪهڙي ماءُ' کيس ائين لڳو ڄڻ هن جهان ۾ هوءَ اڪيلي آهي. چوطرف رات ئي رات آهي. الائي ڇو روح تي ان خوفناڪ رات پٺجي وڃڻ ڪري هوءَ عجيب سڪون محسوس ڪرڻ لڳي. کيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ پاڻ ڪا ٻي آهي ۽ هيءَ ٽڏي تي پيل، ڦٽيل ۽ سڙيل، بدن ڇچريل ۽ زخميل روح واري ڇوڪري ڪا ٻي آهي. کيس ان ڇوڪريءَ تي ڏاڍو قياس اچڻ لڳو. 'ڏاڍي ٿڪي پئي هوندي ويچاري.' هن سوچيو، 'سمهي رهه ملوڪان، ادي سمهي پئُو!' هن دل ئي دل ۾ همدرديءَ سان ان ڇوڪري کي چيو ۽ ڇوڪريءَ جو بدن ڍلو ٿيڻ لڳو. کيس ننڊ اچڻ لڳي.

"پاڻ کي گهڻو جهليم گهڻو جهليم، پر مائٽ جي دل نه رهي. پاڻين ڪان لڪي آيو آهيان، مون کي معاف ڪر، ڇوري! ابا! ملوڪان!"

---

ڪهڙا هئا تن جي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي. مختلف علائقن تي مختلف ذهنيت پيدا ڪرڻ وارو پاڙودر چٽڪاريو ويو. مثلاً ڪٿي رحم ۽ قربانيءَ جو ته ڪٿي حيا ۽ اخلاق جو ته ڪٿي حب الوطني ۽ حق ڪوئيءَ جو وغيره.

اتفاق سان دنيا جي انهن ٽڪرن ۾ سنڌ کي به شامل ڪيو ويو ۽ مٿس رات جو سچائيءَ وارو پاڙودر چٽڪاريو ويو. ٻي ڏينهن فجر جو جيئن ئي هاڪرن، اخبارون پهچايون، تيئن ئي پاڙودر جا اثر ظاهر ٿيڻ لڳا.

اخبارن جا ڇا ته سمورا صفحا پاڙودر چٽجڻ کان اڳ ۾ ڇپجي چڪا هئا باقي ايڊيٽوريل صفحا رهجي ويا هئا جي سڀ کان آخر ۾ ڇپيا هئا. هڪڙي اخبار جا سڄو وقت پنهنجي مالڪ جي حمد و ثنا ۾ مشغول ٿجڻ ڪري بدنام هئي، تنهن پنهنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ لکيو هو، ”ڪيڏي نه شرم جي ڳالهه آهي جو اسين چند چانديءَ جي سڪن جي عيوض پنهنجو ايمان وڪڻندا رهيا آهيون ۽ وطن جي غدارن ۽ قوم فروشن جي شان ۾ قصيده پڙهندا رهيا آهيون! جنهن پنيور کي ٻاهه لڳل هجي، ان ۾ ويهي پيٽ خاطر وطن کي وساري خودمطلب چمچن جي ساراهه جا ڍڪ ڀرڻ ڪيڏي نه بيحيائي آهي!....“

ٻي اخبار جنهن جو پيشو ئي وطن دوستن تي چغليون هڻڻ، مٿن بهتان مڙهڻ، نوجوان نسل کي خوار خراب ڪرڻ هو ۽ جنهن بابت سڀني کي خبر هئي ته اها آمريڪا جي جاسوسي کاتي جي پاڪستاني ملازم جماعت جي اثر هيٺ آهي، تنهن لکيو: ”ڪير ٿو چئي ته اسين ٻين کان پوئتي آهيون؟ جيڪا قوم اسان جي اڇوتن عظيم شاعرن ۽ اديبن جهڙو لافاني ۽ بي مثال شعر ۽ ادب پيدا ڪري سگهي ٿي، جيڪا قوم اسان جي اڇوتي انقلابي نوجوان نسل جهڙو املهه انساني فصل اپائي سگهي ٿي تنهن کي گهٽ ۽ پوئتي چوڻ وارا يا بيوقوف يا بي ايمان آهن.“

اها ڪا گهڻ خوشيءَ جي ڳالهه آهي جتي آمريڪا جو جاسوسي کاتو هيڏي آسانيءَ سان ۽ هيڏي وڏي تعداد ۾ هر طبقي مان پنهنجا ايجنٽ ۽ چمچا تيار ڪري سگهيو آهي اتي اهو بدنام ۽ رسوائي زمانہ جاسوس ادارو اسان جي وطن ۾ بري طرح ناڪام ويو آهي ۽ جيڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ايجنٽ هٿ ڪري سگهيو آهي، سي بہ عوام ۾ خوار ۽ خراب ٿي چڪا آهن.

”....بهرحال، اسين مطالبو ڪنداسين تہ جيڪي اخبارون ۽ سياسي جماعتون آمريڪي جاسوسي کاتي جي اشاري تي نچي ۽ پنبي رهيون آهن، انهن تي فورن بندش وڌي وڃي ۽ وڌيڪ بدنام فردن ۽ اخبارن کي فورن بند ڪيو وڃي.“

جيڪي هفتيوار اخبارون ان ڏينهن ڇپيون، تن ۾ بہ نئين دوا جو اثر ظاهر ٿيو. هڪڙي هفتيوار اخبار، جا سال ۾ ڪل ست پرچا ڪيندي هئي ۽ سٺن ڏي ۾ هڪڙي ڏي ڪاموري جي تعريف لکيل هوندي هئي. تنهن ان پرچي ۾ ان ڪاموري جو نالو وٺي لکيو، ”ههڙا عوام آزاريندڙ ڪامورا فوراً ڊسمس ڪرڻ کپن ۽ مٿن جرگن ۾ مقدما هلائي کين نہ رکو جيل جون ڪريون سزائون ڏيڻ کپن پر کين شهر جي چونڪ ۾ ڇهبڪ هڻائي، ٻين لاءِ عبرت جو سامان پيدا ڪرڻ کپي.“!

مريدپور ٿاڻي جو صوبيدار، صبح جو نيرن ڪري، اڇا اجرا ڪپڙا پائي، اچي ٿاڻي ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو. وڏي منشيءَ ڪاغذپٽ اڳيان آڻي رکيس. پريان جان محمد پوليس وارو، ڇئن ڇيلهه ۾ رسن پيل ماڻهن کي وٺي اندر آيو ۽ سيلوٽ ڪري ڪڙوتڙو ٿي بيهي رهيو. صوبيدار پڇيس، ”هي ڪير آهن؟“

جان محمد ادب سان چيو، ”سرڪار! رات ناڪيبندي ڪندي، موريءَ وٽان هنن کي شڪيءَ حالت ۾ گرفتار ڪيو اٿئون. هڪڙي وٽان بنان ليسن جي ريوالور....“ ائين چئي، هو بيهي رهيو. ”اڙي ڳالهه ڪرا“ صوبيدار ڪڙڪو ڪري چيو.

بيري پٺ ورائي جواب ڏنو. ”نه سائين، ڪڪڙ پوڙهي ناهي، مثل آهي.“

مسٽر نواز عليءَ آپي ڪان ٻاهر ٿي پڇيو، ”ڇا مطلب؟“

”سائين، اسين هميشه بيماريءَ وگهي مثل ڪڪڙ رڌيندا آهيون.“ بيري نهايت ادب ۽ نوڙت سان چيو.

مسٽر نواز علي تپ ڏيئي اٿيو ۽ سڌو سيٺ وٽ پهتو. سيٺ سندس جوشيلو احتجاج ٻڌي، نهايت ٺڏائيءَ سان سمجهائڻ لڳس.

”نواز علي خان، گوشت مهانگو آهي. مثل ڪڪڙيون ۽ ڳئون نه هلائيون ته پورت ڪيئن پوي؟ سڀ گراهڪ هميشه ڪاڻو خوش ٿيو وڃن. ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين گلا نه ڪئي آهي، خود توهان به نه. توهان حيدرآباد جا گراهڪ خوشنصيب آهيو، جو حلال مال ٿا کائو. ڪراچيءَ ۾ ته گڏهيون ڪهيو پيا کارائن!“

گوڙ ٿي ڪيترا گراهڪ اچي گڏ ٿيا ۽ ڏسندي ڏسندي پوري هوٽل خالي ٿي ويئي.

اتفاق سان ان ڏينهن حيدرآباد ۾ ٽن سياسي جماعتن جي ليڊرن جون درپور سياسي ميٽنگون رکيل هيون.

ظهر جي نماز کان ڪلاڪ کن پوءِ لطيف‌آباد جي هڪ ڪوارٽر ۾ درجن کن صاف، آجرا، ڪٽلف لڳل نوراني چهرا، مقدس سونهارين ۽ شرعي چال سان هڪڙي ڪوارٽر ۾ داخل ٿيا. تلاوت قرآن مجيد بعد هڪڙو بزرگ ٽن مهينن جي ڪاروائيءَ جي رپورٽ پيش ڪرڻ لڳو. هر صالح مومن کان چندي ۾ گڏ ڪيل ڏوڪڙ، قربانيءَ جي کلن وغيره جو ليکو صاف ڪري وٺڻ کان پوءِ هن چيو: ”حضرات! جماعت جي اڳيان، دنيا اندر اسلامي نظام حڪومت قائم ڪرڻ جو جيڪو نصب‌العين آهي، تنهن لاءِ اسان پنهنجي وت آهر هرممڪن ڪوشش ڪئي آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جا لک لک احسان آهن....“ چوندي چوندي، بزرگ کي هڏڪوئي

آڏي ۽ بدن ۾ سياڻو وٺي ويس. ھڪ لحظي کان پوءِ سنڌس چپ وري کليا. پر سنڌس آواز بدليل ھو.

"حضرات، منھنجي خيال ۾ پنھنجا پاڻ ۾ آھيون ۽ بھتر آھي تہ صاف گوئيءَ کان ڪم وٺون. اسان جي سپرد ھڪ نھايت نازڪ فرض آھي. ھن علائقي ۾ اھا ذميواري اسان تي رکيل آھي تہ اٺ ڪروڙ سنڌين کي آفيمي پنڪين مان بيدار ٿيڻ نہ ڏيون. ڪو پاڻ سجاڳ ٿئي يا ٻين کي سجاڳ ڪرڻ جي شرارت ڪري، تہ ان کي رستي مان ھٽائي ڇڏيون. بدقسمتيءَ سان اسان جي وڏن ليڊرن کي اندازو ئي ڪونھي تہ اسان جي اڳيان ڪيڏيون مشڪلاتون آھن. ھو سمجھن ٿا تہ مذھب ھڪڙي اھڙي زرھ آھي، جنھن کي پھري اسين سلامتيءَ سان جيڪي وڻي، سو ڪري ٿا سگھون. پر اوھان کي خبر آھي تہ ھتي ماڻھن ۾ ۽ خاص ڪري نوجوانن ۾ وطن جي نالي تي ڪيڏي نہ شورش آھي. خير، خدا جي فضل و ڪرم سان اسان مڙس ٿي منھن ڏنو آھي ۽ ھرھنڌ ستونَ جي تعداد ۾ مير جعفر ۽ مير صادق تيار ڪيا آھن، جي اسان جي حڪمن مطابق عمل ڪري، سنڌيت جي تحريڪ جي پٺ ۾ ڇرا ھڻي رھيا آھن. اسان جي ھٿ ۾ ھڪ روزاني سنڌي اخبار آھي جا رات ڏينھن سنڌين جي ئي خرچ سان سنڌي نوجوانن جي پوڀان باھ ٻاريو بيٺي آھي. چغليون ھڻڻ، منافقيون ڪرڻ ۽ انتشار ڦھلائڻ ۾ سي.آءِ.ڊيءَ کي مات ڏيو بيٺي آھي. اسان صالح سنڌي، اخبار وسيلي، پنھنجي سنڌي مريدن ھٿان سنڌين جي خلاف زھر ڦھلائيندا رھون ٿا. سنڌي شام کي بند ڪرائڻ، سنڌي شاگردن ۽ اديبن ۾ ڦوٽ وجھڻ ۽ ٻين اھڙن نيڪ ۽ صالح ڪمن ۾ اسان توقع کان وڌيڪ نوان ۽ شاندار ڪم ڪيا آھن. انھيءَ کان سواءِ ماڻھن جي اکين ۾ ڌوڙ وجھڻ خاطر اسان ڏاڍو سنڌين جي ڪن مطالبن جي تائيد ڪرڻ جو بہ ڍونگ رچايو آھي."

اھو بزرگ اڌ ڪلاڪ ڳالھائيندو رھيو. ان بعد، ٻين مقررن بہ تقريرون ڪيون. جن تفصيل سان انھن اٽڪلن، حرفتن

”آمريڪي سامراج ۽ سندس مڪاني ايجنٽن جو پڻ اِهو ئي آخري نصب‌العين آهي. پر اسان ۽ هنن ۾ وڏو بنيادي فرق آهي. هو ٻاهران حملو ڪن ٿا، اسين اندران ڪاٽ هڻون ٿا. هو ڏنڊي ڪان ڪم وٺن ٿا، اسين همدرديءَ جا ٻول ٻولي ڪم ڪيون ٿا. هو ڌاريان لڳن ٿا، اسين پنهنجا ٿي لاهه ڪيون ٿا. هو مذهب ۽ قومن جي آڙ وٺن ٿا، اسين انقلاب جو نعرو هڻون ٿا.

”انهيءَ لاءِ اسان هڪ منظم ۽ رٿيل پروگرام مرتب ڪيو آهي. سڀ کان اول اسان هميشه سنڌ جي نئين ۽ باشعور نسل کي سندن هڏڏوکي ۽ سرويچ رهنمائن کان بدظن ڪرڻ جو ڪم ڪيو آهي.

”ٻيو ته اسان هميشه سنڌ جي اصلي ۽ حقيقي مسئلن کي نظرانداز ڪري مصنوعي مسئلن جا نعرا هنيا آهن. جڏهن اتفاق سان اسان جي هٿن مان ڳالهه نڪري ويئي آهي ۽ ڪا عوامي تحريڪ ازخود اڀري آهي ته اسان ان تحريڪ کي بدنام ڪري، ڪچيءَ ۾ ڪچلڻ ۾ ٻين کان گوءِ کڻي آهي. پر جڏهن پوءِ به ڪم نه ٺهندو آهي، تڏهن انهيءَ تحريڪ ۾ گهڙي انهيءَ جا ترا ڪيندا آهيون.

”تيون ضروري ڪم اسان اِهو ڪيو آهي، جو اسان سنڌ جي نئين نسل جي باشعور فردن کي انقلابي نظرين ۽ انقلابي ادب جي گهري مطالعي کان بدظن ڪري، اڻسڌيءَ طرح کين روڪيندا رهيا آهيون، ته جيئن ’ٻلي شينهن پڙهايا، وت ٻلي ڪون ڪاوڙ آيا‘ وارو ڪم نه ٿئي ۽ هو اِهڙا هوشيار نه ٿي وڃن، جو سڄي ڳالهه سمجهي، پنهنجن پيرن تي بيهي، مورڳو اسان جي چنبن مان ئي نڪري وڃن.

درحقيقت اسان پاڻ انقلابي نظرين جي مطالعي ۽ پروڙ کان لهرائيندا آهيون. اسان پنهنجي ترقي‌پسند گادي قائم ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي رڳو ان گاديءَ جا مريد ڪندا پيا وڃون. اصل ڳالهه ڇا هئي، تنهن سان اسان جو ڪو واسطو ڪونهي. سچ پڇ ته ترقي‌پسند اڪابر جيڪڏهن پنهنجي قبرن مان نڪري

اڄ، اسان جا پروگرام ۽ طريقا ڏسڻ، ته ڀائين ته ڪنهن مندر يا ڪليسا ۾ اڇي نڪتا آهيون.

”اهو اسان جي اڻٿڪ ۽ هوشيار ڪوشش جو نتيجو آهي ته سنڌ ۽ ٻين ننڍين پاڪستاني قومن جي ترقي پسند جدوجهد، هيتري جذبي، هيڏين حالتن ۾ هيڏن ماڻهن جي باوجود اڃان پٽڪندي رهي آهي. اسان انهن کي ويساهي ڇڏيو آهي ته سڀني رازن جا چاٻو اسين آهيون. سڀني کان وڏيڪ مٿي ۾ سور اسان کي آهي. جيڪي ڪرڻو هوندو، سو اسين ڪنداسين ۽ ڪريون پيا. انهيءَ آسري ۾ سڀ سريءَ کي ٻانهن ڏيو، اسان جي سڏ جو انتظار پيا ڪن. تاڄجو ويهه سال گذري ويا آهن ۽ پوتو ڪونه پريو آهي. اسان جو آسرو نه هجين ها ته الائجي ڪيترا ممڻ مچي پون ها. درحقيقت اسان اهو ڪجهه ڪيو آهي ۽ اهو ڪجهه ڪريون پيا، جيڪو ننڍين قومن جي ڪنهن به ويريءَ کان ڪونه پهچندو. اهي قومون چورن کان چٽي، اسان جي گهل تان پيون آهن. جيسين پنهنجي دم ۾ دم آهي تيسين اميد ته نعرن کان سواءِ ڪجهه نه سرندن.

”پر هاڻ حالتون بگڙنديون نظر اچن ٿيون. ننڍين قومن جا ماڻهو ۽ نوجوان انقلابي رازن کان واقف ٿيندا وڃن. ترقي پسند فلسفي، نظريي ۽ تحريڪ جي تاريخ جو گهرو ڳوڙهو مطالعو ڪري، ڪيترا ئي ماڻهو خود سيکجهه سمجهڻ، سوچڻ ۽ ڪرڻ جهڙا ٿي ويا آهن. انديشو آهي ته متان هيءَ گادي اسان کان کسجي وڃي ۽ ترقي پسنديءَ تان اسان جي هڪ هٽي ختم ٿي وڃي. ٿي سگهي ٿو ته ننڍين قومن جا ماڻهو ڪا واقعي ترقي پسند تنظيم ٺاهي، پنهنجو گهر پاڻ سنڀالي ۽ هلائي، اسان کي ٽڪيٽ وٺائي ڇڏين. تنهنڪري اسان مان هرهڪ کي پنهنجي هڪ هٽي بچائڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ پاڻ پتوڙڻ کپي.“

پوءِ ٻين سڀني واري واري سان تقريرون ڪيون ۽ حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تجويزون ڏنيون.

گولاڙن جا ڦر نڪتا آهن حڪومتون ڊاهڻ ۽ ٺاهڻ! وچٿينءَ جي ٽڪ ۽ ڪرهين جي ڦوڪ مان ڇا ٿيندو؟!"

"سائين ڪا ڳالهہ آ!" ٽئي مينهن جهڙي متاري معتبر چيو، "منهنجو وڏو ڇوڪرو رئيس الله ڏتو خان تہ ڏٺو هوندو! ست پيڙهيون خانداني ٻار، نندي لائي حڪومت جي ستي پيل، ٻالپڻ کان اميرائين ڪچهرين ۾ اٺيل ويٺل، گورنرن، ڪليڪٽرن ۽ ڪماندين جو ڪيڙيل، اچان ايترو هوندو هو تہ دهشت جا وٺي ڪندو هو تہ هارين نارين، للو پنجو وڏرن جا مت سڪي ويندا هئا. ڪليڪٽر اچي ضد ٻڌو. چئي "رئيس نندي کي انگريزي پڙهاء! حڪومت جي ڪم جي لائق آهي." اچان اسڪول پئي پڙهيو تہ شاهي جنگاڻ ڪري وڌائين.

"ڪولهڻ ڪنئين هٿائين نہ؟" پرسان ويٺل هڪ پوتار پڇيس.

"هائو، هائو! ڪولهڻ جي ڦڏي ۾ مون کي چاليهن هزارن جي چيپٽ ڏياري ڇڏيائين. پر مڙيو ڪون.

"سامهون بہ جبري ڏر هجي. نيٺ سائينءَ سبب ڪيو. ڊيونٽ لاء ووٽن جي گهُر ٿي. اسان ٻانهون ٻڌي، سرڪار جو چوڻ ڪيو. ڊيونٽ کي ووٽ ڏنوسين. ويچاريءَ سرڪار بهادر وڙ ڪيو، تڏهن وڃي جان ڇٽيسون. سو ابا، تنهن ڏينهن ڪالج جي جلسي ۾ ڏسان تہ رئيس اجرڪ ڪلهي تي ويڙهيو، اسان جي ڳوٺ جي اوڏ جي پٽ جي ڪلهي تي هٿ رکيو، اسٽيج تي هو جمالو پيو ڳائي ۽ 'جيئي سنڌ!' جي نعرن جي هوڪ لڳايو بيٺو آهي! وري سمجهاء جو ڪٺي تہ مڙس هٿن مان پيو وڃي. چيومانس: 'دانائن جو اولاد آهين، داناءُ ٿي! هوش ڪر! مت پيڙيائي پلي. پنهنجو پلو ڪم عملدارن ۽ حاڪمن سان. سنڌ کي ٻاهہ ڏيون ڇا ڪريون؟ هي زميندازيون، هي ملڪيتون، هي بادشاهيون حاڪمن جي مهربانيءَ سان مليون آهن يا انهن ڇٽن جي پٽن سنڌين ڏنيون آهن؟ وڏڙن کي دعا ڪر، جن هي رنگ ڪرايا اٿئون. نہ تہ انهن ڇٽن سان گڏ تغاريون پيا کڻون ها! وڏن کان

ٻڌو اٿئون ته پنهنجو پڙ ڏاڏو، ميرن جي راڄ ۾ معمولي ماڻهو هو. پر عقل جو اڪابر هو. بخت پڙايس، ته ڏہي واري جنگ لڳي پيئي. ڏاڏو مير شير محمد جي فوج ۾ هو. داناءُ مڙس اڳيئي هو. ڳالهه کي سمجهي ويو ته ساري انگريزن جي آهي. سو موقعو ڏسي، مير علي مراد خان جي ماڻهن سان مليو، وٺي تو مير شيرمحمد جي بارود کي باهه ڏني! پوءِ ته سائين منٽ تي ويا! مير ڀڄي ويو. ڏاڏي دهشت جهلي، وڃي گوري کي سلام ڪيو. انگريز پيٽسان انصافي، تنهن اتي جو اتي ٢٠ هزار جريبن جي جاگير جو پروانو لکي ڏنس!"

ٻئي پوٽار ڪان رهيو نه ٿيو. چيائين: "اسان جو پڙ ڏاڏو ته توڙ ڪان مير علي مراد خان سان گڏ هو ۽ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص، وارن ميرن جي فوج جون پڪيون ڀڄائي ڇڏيائين."

ٽئين چيو: "اسان جو تڙ ڏاڏو مرحوم گورنرن جو خاص شڪاري هو...."

چوٿون، جو تعليم يافته هو، تنهن چيو: "سرڪار، جيڪي ويٺا آهيون، سيئي انهيءَ ڪاڪ جا ڪڪوريل آهيون. جيڪي پڻوڪ انگريزن جا سلامي نه ٿيا تن جو نالو نشان به ڪونهي."

پنجين چيو "ادا، جهڙو لڳي واءُ تہڙي ڏجي پٺ. آسمان ۾ ٽڪ اڇلائبي ته موٽي اچي پنهنجي منهن ۾ پوندي. جبل سان ٽڪر هڻبو ته پنهنجو مٿو ڦاڙبو. جبل کي ڪجهه ڪونه ٿيندو...."

ڇهين ڪجهه سوچي چيو: "سو ته برابر، پر هي جو پڙهيل ڇورا پيا چون ته پاڻ اصل کان وٺي سنڌ جا غدار ۽ ڏارين جا هٿ ٺوڪيا آهيون، سو چئبو ته ڪوڙا اهي به ڪونهن!"

ٻئي وراڻيو: "تڏهن وري ڇا؟ ملڪ جا حال تڏهن ائين ٿيا آهن ڇا؟ اِها سڀ پاڙن جي پلائي آهي." "پر ادا، ڪجي ڇا؟ ائين نه ڪريون ها ته پلا رکو هي هاري ناري ۽ جٽ چاموٽ به پاڻ کي جهل ڏين ها ڇا؟ عملدارن جو پاڻ تي هٿ نه هجي، پولس ۽ ڪامورا پاڻ سان ٺهيل نه هجن ته هي جٽ پنهنجي موچڙي

هيٺ ڪيئن رهن ها؟ هو ڪو پاڻ ڪي ڇڏين ها تہ توهان پلي ويهي عيش ڪريو. اسين ويهي ٿا اوهان لاءِ ڪمايون، ۽ توهان ۽ ڪامورن جا پادر جهليون!"

انهن چيو: "ادا، ڪامورن کي بہ پاڻ مان گهاٽو ڪونهي. پاڻ اٺ ڏي پهر چٽن مٿان پادر ڪنيو، سندن سٽنڊ سڪايو نہ ويٺا هجون ها، تہ پانيو ٿا تہ هي چٽ ڪامورن کي بہ ڪو سک جو ساهہ ڪٽڻ ڏين ها؟ انهن کي اهي رنگ بہ اسان ويٺا ڪرايون، نہ تہ خبر پئجي وڃين تہ گهٽين ويهين سؤ آهي. جنهن مهل نہ هيءَ پنجاهہ لکن جي ياجوج ماجوج جي قوم اٿي کڙي ٿئي ها، تنهن مهل کيڏانهن وڃن اهي پونٽ، کيڏانهن پيا ڏڪسات! پر دعا ڪن پاڻ کي، جي هن سموريءَ ڪرت- خلق مٿان چپ ٿيا ڪريا پيا آهيون ۽ ڪنهن کي چرڻ بہ ڪونہ ٿا ڇڏيون...."

اتي جنهن ڳالهايو پئي، تنهن ڳالهہ ڪاٽي پڇيو، "ها رئيس، پوءِ آيو ڪو ترهان جي پٽ جو هوش ٺڪاڻي؟"

رئيس وراڻيو: "سائين منهنجا ڪتي! ڇورو الاجي ڇا جو ڇا پيو بڪي. چي: 'سنڌ هينئن، سنڌ هوئن، فلاڻا غدار، ٽيڙڙا بزدل ۽ وطن دشمن.' چي: 'اسان نوجوان توهان جو ڪيتو پيا لوڙيون ۽ وڏن جي گناهن جو ڪفارو پيا ڀريون!'

"هاڻ سائين، ڏيو جواب! بس رئيس وڏا، چوڏهين صديءَ جو اولاد اِجهو اِهو اٿو. هاڻ قيامت ۾ بہ گهٽي دير نہ سمجهجو. آئي بيٺي اٿو...."

جلسو سنڌي دستور موجب ٻنان ڪنهن فيصلي ۽ اتفاق جي، خيرخوبيءَ سان ختم ٿيو.

("روح رهاڻ"، آڪٽوبر ١٩٧٨ع ۾ ڇپيل، تورو گهٽايل)

جو هاڻ اهي لڙ لهريون لنگهي ويا آهن. پر سال کن ٿيو آهي جو همراهه جو حيدرآباد اچڻ ٿيو آهي. سو پڻ دل ۾ چيم ته يا ته نياپو ڪريانس يا ڪي ڏينهن پڻ واندڪائي ڪڍي سگهان ته وڃانس ٿي، هوا به بدلائي اچان. اڃا اهي پور پئي پچايم ته تنهن ڏينهن وڏيرو امام علي خان مليم. امام علي ڪنهن زماني ۾ مون سان ساڳئي اسڪول ۾ پڙهيو هو. ان حساب سان اسين پاڻ کي همڪلاسي سمجهندا آهيون. ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي، ساڃن جو ذڪر نڪتو. چيومانس: "گڏجيئي ته چئجانس ته مون وٽان ٿيو وڃ." اها ڳالهه ٻڌي، منهن ۾ گهنڊ ڪڍي وڌائين. پڇيومانس ته چيائين: "توهان به ڪهڙن ماڻهن کي ڪڍي مٿي تي ٿا چاڙهيو." آءٌ حيران ٿي ويس. ڇو ته امام علي تر جي وڏيرن ۾ اهو اڪيلو ماڻهو هو جو ساڃن جو ضامن وغيره پوندو هو ۽ ڇوٽيءَ لميءَ مٿس هٿ رکندو هو. هو به سندس واکاڻون ڪندو هو ۽ وجهه پيو ڳوليندو هو ته وڏيري امام علي خان جو ٿورو ڪيئن لاهيان. تنهن جي واتان هن جي گلا ٻڌي، مون کي حيرت لڳي. چيائين "فقير محمد خان رنج مٿان ٿين. پر ساڃن جهڙو پال جو ڀڪل پاڙيو پيو دنيا ۾ ڪونه لڀندو."

مون کي ڪاوڙ ته گهڻي آئي، پر چيم ته اول انت ته وٺانس. سو چيومانس "ڪر خبر، آخر ساڃن تي هيءَ اوچتي ناراضگي خير مان ٿي؟" چيائين "توکي ته خبر آهي ته پاڻ هنن ماڻهن لاءِ ڇا ڇا ڪيو. تون پاڻ ويٺو آهين ته ٻي دنيا ته ڇڏيو پر خود ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ جهڙن مڙسن به مون کي پاڻهن ۾ جهلي ڇيو هوندو ته "وڏيرا، سرت ڪر! گندن ماڻهن ۾ هٿ وجهي پنهنجي عزت گهٽ نه ڪجي." سوٽ مون وارو يعقوب سڄائين، سڄو ڏينهن مون کي گهٽ ڪرڻ لاءِ وجهه پيو ڳولي. تنهن انهي ساڃن جو بهانو ڪري، سڄي دنيا جا ڪن منهنجي برخلاف ڀرڻ مان وسئون ڪانه گهٽائي. پر پاڻ به تو وانگر ڪنهن ڳالهه تي بيٺاسين ته پوءِ ڀلي مٿان ريلون مٿي وڃن، ٻي

تي ويا هئس. ننڍي مائي اڃا ٻار هئي. ٻار به سندس تي ڏنا، مائيءَ
کي خدا سونهن صورت جا مٽ پري ڏنا هئا. ڪنهن ڏک ڪري
بيحال هئي. اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس. ٻنهي مون کي ڪيڪاريو.
ياروءَ ٻنهي ڏانهن منهن ڪري چيو: ”هي منهنجو ڀائرن جهڙو
يار آهي، حيدرآباد پاسي ٿو رهي. ياروءَ جي ڦاتا (فاتح)- ڪرڻ
آيو آهي.“ آءٌ شرم ۾ ٻڏي ويس. پٽ جو نالو ٻڌڻ سان وڏي
مائي ”الله!“ ڪري ٿڦيءَ ۾ پٽجي وئي. جوان ڇوڪريءَ جي
اندر مان به رڙ نڪري وئي، پر جيئن ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺي
هئي، تيئن ڪنڌ مٿي ڪونه کنيائين. ويٺي پٽ ڪنديائين تان جو
ڳوڙهن جون لارون سندس منهن تان وهي وڃي پٽ تي ڪريون.
تڏهن منهن اگهي، پٽ ڏيئي وڃي ڏاندو ٻارڻ ويٺي.

ياروءَ مون ڏانهن منهن ڪري چيو: ”ادا، پٽ پيٺسان
ڏاڍا مٺا ٿا ٿين. جي وڃن ٿا ته مائٽن جون ڇيلهيون جهوريو
وڃن....“ مون کان دانهن نڪري ويئي، آءٌ پٽ ڏيئي ٻاهر پڳس.
در وٽ چيومانس: ”وڃان ٿو.“ هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري مون کي
ٻانهن مان جهلي چيو: ”اِها نينگري ڏٺئي نه! اها پٽ کي لاڏڪوڏ
سان پرڻائي اڃا به مهينا ئي ڪونه ٿيا ته اهو ئو وارو وڏيرو
امام‌علي خان اچي چڙتو ٿيو. روز ڪو نه ڪو بهانو ڪريو، گهوڙو
دوڙايو، پونگيءَ اڳيان ٺورو ٿيو بيٺو هوندو هو. هيڪڙي ڏينهن
آخر چيومينس: ”وڏيرا، جهڙو تون سمجهين ٿو اهڙا ماڻهو اسين
ڪونه آهيون. اهو خيال لاهي ڇڏ. اڳتي وري هيڏانهن تڪليف
نه ڪج.“ بس پوءِ ته اچي اسان جي پٺيان پيو. چوريون، ڦريون،
ڪيس، ڦـڏا، تان جو مون انڌي جي اڳيان هڪڙي ٻچي جي
لٺ هئي سا به کٽي ٻچي ڏنائون.“ اکين مان ڳوڙهن جون لارون
اگهندي، وري چيائين: ”منهنجي قسمت خراب هئي. منهنجو ته
ڪو واهرو به ڪونه ٿيو. توجي قسمت زور آهي. توکي ته ازغيبي
واهرو به ملي ويا آهن.“ آءٌ حيران ٿي ويس. ڪنن تي اعتبار ئي
ڪين آيم ته ڪو سچي پچي اهي اکر ٻڌا هوندم. چيم ”ڪهڙا

سيئين جيڪي پنهنجي مطلب ۽ غرض لاءِ پاڻ کي ڳراٽڙيون پيا وجهن سي مون ۽ تو جهڙن جا مائٽ ڪڏهن به ڪونه ٿيندا. مون کي به پنهنجي پارٽيءَ جو ماڻهو سمجهه!"

هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مون کي ڀاڪر پائي چيائين: "جوان جا پٽ، ته پوءِ پنهنجي آهي به فتح!"

(ماهوار "تحريڪ"، جنوري ١٩٧٨ع ۾ ڇپيل)

پٽر ٻنهيو سخت زخمين جون لسٽون ۽ سنڌن ويل سامان جون لسٽون لکندو رهيس. مون کي خبر هئي ته ويل سامان ڪونه ملندو، اندريان زخم ڪونه ميٽجندا. نه هنن جا ۽ نه اسان جا. پر اسان لکندا رهياسين. ماڻهو ڪنهن نموني رڳل هجي ته سوچڻ کان بچيو پئي. پاسي ۾ ويٺل زخمي مٿي واري کي چيم، "تون ليٽي پئه. آرام ڪر!" هن پڇيو، "ڪٿي؟" مون لوڏو ڏنيو، اگهاڙي پٽ تي وهاڻو به ڪونه هو. مون لڄي ٿي اکيون ڦيرائي ڇڏيون. وري ساڻس ڪونه ڳالهايم. ايتري ۾ آيل ملاقاتين پنهنجي قيدي سائين کي گڏ ٿيڻ لاءِ چيو. قيدي منڊڪائيندا، پنهنجا زخمي بدن گهليندا، هڪ هنڌ گڏ ٿيا. تقرير ڪندڙ جو آواز بلند ٿيو: "سائيو، اڄ اسين ڀرين آزمائش مان لنگهيا آهيون. اڃا به ڏکيون گهڙيون اچڻيون آهن. پر اسين حق لاءِ سڀ ڪجهه سهڻ لاءِ تيار آهيون."

آءٌ ميڙ مان هليو آيس. مون کي هنن سان گڏ ويهڻ جو ڪو حق ڪونه هو. هو زخمي هئا ۽ آءٌ سڄن لڳن سان، هو بند هئا ۽ آءٌ آزاد، هو آزمائش ۾ مبتلا هئا ۽ آءٌ پنهنجي ڌنڌي ۾. هو ٻي جنس هئا ۽ آءٌ ٻي جنس. مون کي بي‌اختيار فارسيءَ جو شعر ياد آيو. "ڪسي ڪ ڪشته نه شد، از قبيلهء ما نيست." (جيڪو ڪٺل ناهي اهو اسان جي ساٿ مان ناهي.)

سهڻي لطيف به ته چيو آهي "وڍيو هئين ته وڍهه نه ته وڃيو وڃج واٽ تون." مون پنهنجي واٽ ورتي ۽ وري وڃي ڪرسيءَ تي ويٺس.

اسان جو بزرگ اڳواڻ ۽ ٻيا ساٿي به رڳل هئا، ڪو لکڻ ۾ ته ڪو پڙهڻ ۾. سنڌن چهرن تي سمنڊ جهڙا اونها تاثر هئا. رواني ٿيڻ وقت اسان کي چيائون: 'اڄ ڀلا ضامن تي ويندو؟"

مون کين ڪوڙو دلاسو ڏيڻ مناسب نه سمجهيو. مون چيومن: "شايد ڏينهن ٻه ٽيا اڃا به وڌيڪ لڳن. اها تڪليف برداشت ڪرڻي آهي. ڇا ڪجي مجبوري آهي." تڏهن چيائون، "توهان

ڪوبہ خيال نہ ڪريو. ضامن ٿئي نہ ٿئي، پرواهہ ڪانهي، اسين سڀڪجهہ سهنداسين.“ موٽندي آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ چانهہ گهرائي. ايتري ۾ هڪڙو قـداور، جـانٺو، چست ۽ قـڙت، سهڻو انگريزي لباس پهريل ماڻهو لنگهي آيو. سندس بيحد دلڪش مردانگي حسن کي ڏسي، مون پنجن ندين جي پاڻيءَ کي داد ڏنو، سڀ اٿي بيٺا. هن سپرنٽينڊنٽ جي ڪرسي والاري. سپرنٽينڊنٽ بيٺو رهيو. نئين آيل اسانجن قيدين بابت ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي. سندس گفتگو هڪڙي سؤ في صدي حاڪم جي گفتگو هئي. هن بار بار ”تخريب پسند“، ”انتظام“، ”حڪومت“، ”ذميوارين“ جا لفظ پئي دهرايا. اسان کي ائين پئي خطاب ڪيائين، ڄڻ تہ اسين بہ ڪي چڱي چال وارا قيدي هئاسين. مون کي ائين لڳو ڄڻ مون هي يا هڙو ماڻهو ڪٿي ڪو ڏٺو آهي. اوچتو مون کي فلم ”گنس آف نوارونـي“ وارو جرمن گسٽاپو آفيسر ياد آيو. هي بہ ان ساڳيءَ جنس مان هو. پيدائشي حاڪم، سموري انساني مخلوق کان مٿي، افضل ۽ سمورن انسانن کي قيدي ۽ ڏوهاري سمجهندڙ.

اسين جڏهن سندس تقرير کي اڌ ۾ ڇڏي اٿياسين، تڏهن ڏٺوسين تہ هو ناراض ٿي پيو. پر اسان کي وڃڻ جي اجازت ڏنائين. قيدين بابت ضروري ڪم لاهي، آءٌ شام جو گهر موٽيس. عادت موجب ماني کائڻ سان گڏ اخبار پڙهيم. منهنجي نظر پوئين صفحي تي ڄمي بيهي رهي. مون ان جا پويان اکر وري وري پڙهيا.

لکيل هو، ”— ڪوبہ خاص زخمي ڪونہ ٿيو آهي. ڪجهہ گرفتاريون ٿيون آهن، حالتون ٺيڪ ٺاڪ آهن.“

منهنجي اکيان ٢٠٧ قيدي، سوين ڇڇريل ۽ سڄيل مٿا، منهن، ٽنگون، ڇاڙيون، ٻانهون ۽ پنا ڦري ويا. ”ڪوبہ خاص زخمي ڪونہ ٿيو آهي، ڪجهہ گرفتاريون ٿيون آهن. حالتون ٺيڪ

آهن.“ مون وري تلخيءَ سان دهرايو ۽ اخبار اڇلائي ڇڏيم. ٻئي ڏينهن ساڳي اخبار ۾ وڏين سُرخين سان ٢٠٧ قيدين جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ جي خبر پڙهيم. پر جيڪي ويهه پنجويهه ڄڻا نوان قيد ٿيا هئا تن جي گرفتاريءَ جي خبر ڳولي ڳولي ٿڪجي پيس، پر ڪٿي به نظر ڪانه آئي. مون اخبار ڦاڙي، پرزا پرزا ڪري ڇڏي.

(ماهوار ”تحريڪ“، مارچ ١٩٧٣ع ۾ ڇپيل)

# ڀاڳاور

جنهن مهل تار آئي تنهن مهل مون ٽيوُ پئي ڪئي. ڪريم لڳل منهن سان تار واري ڪان تار ورتي، ڪيس صحيح ڏيئي، ڪاپي هٿ ۾ جهليل سيڪنڊ (جيڪا بيخيالي ۾ سان ڪئي ويو هئس) واپس آئي ميز تي رکيم ۽ لفافو کوليو. تار پڙهيم. پنهنجن هٿن ۾ نهاريم، اهي ڏڪيا ڪونه پئي. آرسيءَ ۾ منهن ڏٺم: ڪريم لڳل هوندي به سمجهيم ته ان تي ڪوبه تاثر ڪونه هو. هاڻ سمورو ڌيان ٽيو ۾ لڳايم.

واچ ڏٺم ته ٻه لڳي ١٤ منٽ ٿيا هئا: تنهن جي معنيٰ ته سنڌ ايڪسپريس ۾ اڃا منو ڪلاڪ هو.

”ڪريما!“

”جي، بابا.“

”پٽ! منهنجي بئگ تيار ڪر، مون کي ٻاهر وڃڻو آهي.“

ڪريما اهڙين ڳالهين تي هريل هئي.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اسٽيشن تي پهچي ويس ٻلڪ اسين پهچي وياسين ڇو ته ڪريما به مون سان گڏ هئي. ريل ۾ چڙهي ويٺاسين. ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ اسان جي اسٽيشن اچي ويئي.

سول اسپتال جي گيٽ تي پهچي، ڪريما کي چيم: ”مون توکي ٻنهي نتي آندو پر تون ڦڏو ڪري زبردستيءَ آئي آهين، ٺيڪ؟“

”ها بابا.“

”توکي پنهنجو واعدو ياد آهي؟“

ان سلسلي ۾ سڄي سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي دورن تي به ويجي. اخبارون ۽ رسالا پڙهي، بحث مباحثا به ڪري. سڄو ڏينهن پڇ پڇ به لايو ويٺي هوندي آهي. سڀني کي نصيحتون به پئي ڏيندي. وچٿ هوندي به سڀني جي وڏي امان ٿيو ويٺي هوندي. منهنجي سڏ تي به ڊوڙندي اچي، چرچا ۽ اهلون ڪري، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي، کِلي ۽ کِلائي به. وطن، عوام، ٽين دنيا، سامراج ۽ بدلجندڙ عالمي صورتحال جي ڳڻتي به سڀني کان وڌيڪ کيس ئي هوندي آهي. گهر ۾ به تنقيد ۽ خود تنقيد جون گڏجاڻيون پئي ڪرائيندي. جيڪڏهن منهنجي ڪا ڳالهه نه وڻنديس ته ڪاوڙجڻ بدران چوندي، ”بابامنهنجي توهان تي تنقيد آهي. جڏهن واندا ٿيو تڏهن تنقيدي گڏجاڻي ڪنداسين.“ سندس ڪاپين تي قسمين قسمين قول لکيا پيا هوندا، مثال طور ”مطالعو، تنظيم، جدوجهد“، ”عمل نظرئي بنان انڌو آهي“، ”نظريو عمل بنان لولو لنگڙو آهي“، ”تنظيم جدوجهد لاءِ، جدوجهد تنظيم لاءِ“، ”سادي رهڻي ڪهڻي ۽ اڻانگي جدوجهد“، ”وقت جي پابندي ۽ رازداري“، ”ڇڙواڳي خلاف جدوجهد ڪريو“ وغيره وغيره.

هڪڙي ڏينهن پڇڻ لڳي، ”بابا، ڀلا ٻڌائي وچ ته جوينل ڪير هو؟“ مون وراڻيو: ”جوينل يا جوينال (Juvenal) رومي شاعر هو. اڄ کان ١٩ صديون اڳ جو ڇو؟ جوينل کي ڇا ٿيو آهي؟“

چيائين: ”مون پڙهيو آهي ته هو ان وقت جي ظالمن جي مڪر، منافقي ۽ ظلم خلاف شعر چوندو هو؟“

مون وراڻيو: ”بلڪل! اهو سندس ئي قول آهي ته ”ڪاوڙ شعر لکائي ٿي!“

تنهن ڏينهن شيو پئي ڪير ته ٻاهران چوندي آئي: ”بابا!“

مون چيو: ”جي بابا!“

”بابا، ڪنهن سان پيو وڙهين؟“

”ڪنهن سان به نه!“

منهنجا ڪيس رُلي دربدر ٿي ويا هئا ۽ وڪالت ختم ٿي ويئي هئي. مطلب ته هرڪو هرڪنهن جي مسئلن ۽ عادتن کان واقف هو.

هڪڙيءَ بهار جي منڊ ۾ شام جي مهل هئي. دروازا ۽ ڪلف ڪڙا بند ٿيڻ ۾ اڃا به ٽي ڪلاڪ هئا. ڏاڍي وڻندڙ ۽ خمار ڏيندڙ هوا پئي لڳي. اڱڻ ۾ موتئي ۽ گلاب جي گلن جي هٻڪار من کي آزاد فضائن لاءِ آتو پئي ڪيو. سرور جيلر به اچي ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيو. بحث هلي هلي وڃي فلسفيائين ڳالهين، تقدير ۽ تدبير، ٿيڻي اڻ ٿيڻي، اتفاق يا قسمت جي لکئي جهڙن موضوعن تي پهتو. سرور تمام سريلو جوان هو ۽ قيدين کي به انسان سمجهڻ وارن اڻلڀ جيلرن منجهان هڪ هو. وڏي جوش خروش سان بحث ۾ حصو وٺندي چيائين: "سائين، توهان چيو ته ڪيترين اڻ ٿيڻيون ڳالهيون رکو ظاهري طرح اڻ ٿيڻيون هونديون آهن. توري وڏيڪ سازگار حالتن ملڻ سان اهي ٿيڻيون ۽ ممڪن ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. مثال ڏيو؟"

چيم: "مثال طور پاڻ هتي ست چڻا ويٺا آهيون. پاڻ ست ئي چڻا جيڪڏهن نيڪ نيتيءَ ۽ انسان دوستيءَ جي اعليٰ آدرشن جي ڪري پاڻ ۾ پڪي ڪري پنهنجا سمورا وسيلا اورچائيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان ڪتب آڻڻ جو پڪو پهه ڪريون ته پاڻ هتي جيل اندر بند هوندي به ڪئين انساني زندگيون بچائي سگهون ٿا: فرض ڪريو ته هتي ڪو لاوارث قيدي آهي. هو بيگناه آهي پر ڪيس متس سورهن آنا ٻيهي ويو آهي ۽ گهٽ ڪري سزا کائيندو. هاڻ پاڻ هتي ويٺل ماڻهو هن جيل سارو ۽ پنهنجي پنهنجي حال سارو ويهن ئي نئهن جو زور لڳايون ته گهٽ ڪري پاڻ ڪيس بچائي وٺنداسين."

"جي اهو قبولدار هجي ته پوءِ؟" سرور پڇيو.

چيم: "زوريءَ ورتل قبولداريءَ تان ڦري به سگهي ٿو. ڪيترين ئي حالتن ۾ ڪورٽون به اهڙيءَ قبولداريءَ کي رد ڪري ڇڏينديون آهن."

مون همراهن کي چيو، ”نور محمد چارليءَ جي هڪڙي فلم هئي جنهن ۾ پاڻ ۾ ٽي يار آهن. چارليءَ جي هٿ ۾ هڪ ننڍڙي گهنڊڙي آهي. ڪيڏانهن گهمڻ وڃن ٿا ته هڪبئي جي ڪنڌن ۾ ٻانهون وجهيو هلن. وچ ۾ چارلي، پاسي ۾ ٻيا ٻه. جتي به چارليءَ کي ڪو خيال اچي ٿو ته فلاڻيءَ ڳالهه تي پاڻ ۾ صلاح ڪريون ته هٿ سان ويٺو گهنڊ وڄائي ۽ زبان سان واڪو ڪريو چوي ”ميٽنگ!“ اهي آواز ٻڌيو سڀ بيهو رهن ۽ اتين بيٺي بيٺي پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪرڻ لڳن ٿا. پاڻ وٽ گهنڊڙي ته ڪانهي پر پاڻ به هاڻ هن مسئلي تي پاڻ ۾ چارلي ۽ سندس يارن وانگر ميٽنگ ڪنداسين.“

عبدالجبار جيڪا مون سان حقيقت ڪئي هئي سا مون سربستي ”ميٽنگ“ کي ٻڌائي ۽ ڪين چيو ”هاڻ سموريون معلوم ٿي سگهڻ جهڙيون حقيقتون اوهان جي اڳيان آهن. هاڻ آءٌ سوال ٿو پڇان ته ”ڇا هن ڇوڪريءَ بي واجبي قتل ڪيو آهي؟“

پهريائين محمد علي خان چيو: ”بلڪل بي واجبي! لعنت هجيس!“

پوءِ انور چيو: ”قتل ته ڪيو ئي ڪونه اٿس. پنهنجو سر بچايو اٿس. پر جي واقعي قتل ڪري ها ته به جائز هو. پيءُ جو بدلو وٺڻ سندس فرض هو.“

جمال چيو: ”حق تي آهي! اسان جو ڪيس سلام آهي!“

ٻئي شاگرد ڪمال الدين رڳو ايترو چيو: ”بيڏوهه آهي. مٿس سلام آهي.“

وڪيل محمد اسماعيل چيو: Self Defence يعني پاڻ بچاءَ جو ڪيس ٿو ڏسجي. بظاهر ڇوڪري سچ ٿي ڳالهائي.“

مون چيو: ” آءٌ گهڻائيءَ جي راءِ سان ٻـڌل آهيان، ڇوڪريءَ کي پاڻ بچائڻ توڙي بدلي وٺڻ ٻنهي قسمن جا حق هئا. هوءَ بيڏوهي آهي.“

سڀ اٿي لڳا. مون چيو: ”اڇا ميٽنگ جاري آهي. منهنجي رٿ آهي ته جي پاڻ متفق هجون ته هن بي گناهه ڇوڪريءَ جي بچاءَ لاءِ پنهنجي حال آهر ڀرپور ڪوشش ڪريون.“

محمد علي خان چيو: ”آءٌ رٿ جو مخالف آهيان. باقي سنگت جيڪو گهڻائيءَ سان فيصلو ڪندي سو مون کي منظور آهي.“

ٻين رٿ سان اتفاق ڪيو. آخر فيصلو ٿيو ته هرڪو پنهنجي وت آهر ڪجهه پئسا ڏئي.

محمد اسماعيل ڪيس جي حقيقت واري پاسي Factual Aspect جي قانوني يادداشت Brief ٺاهي. آءٌ قانوني پاسي Legal Aspect جي Brief ٺاهيان، ۽ محمد اسماعيل سان گڏجي پنهنجي دوست مسٽر فيض محمد وڪيل کي خط لکان ته هيءَ ڪيس کڻي ۽ هلائي، جوابدارڻ آزاد ڪرائي. خط کڻي وڃڻ لاءِ ماڻهو محمد علي خان جو وڃي.

محمد علي خان پنج سو ڏنا، مون ۽ محمد اسماعيل ٻه ٻه سئو ڏنا، شاگردن پنجاهه پنجاهه رپيا ڏنا. ڪل ٿيا ١٠٥٠ رپيا. ان مان پنجاهه رپيا محمد علي خان جي ماڻهو کي ڀاڙي جا ڏيئي هزار رپين ۽ خط سان ڪيس مسٽر فيض محمد وڪيل ڏانهن موڪليوسون. ڪيس لکيوسون:

پيارا مسٽر فيض محمد،

انسان دوستيءَ جي جذبي وچان اسان هن ڪيس ۾ هٿ وڌا آهن، توهان جي آسري. اوهان هي اسان جو ڇڻ ذاتي ڪم ڪري سمجهندا ۽ ان ۾ ايتريقدر دلچسپي وٺندا. في اسين ڏيئي نٿا سگهون. هيءَ ٿورڙي رقم فقط ڀاڙي ڀتي لاءِ موڪليون ٿا. ڪيس هلڻ وارو هوندو. وڪالت نامو جلد ڏياري موڪليو. پاڻ کي خبر آهي ته عدالت قانون موجب رڳو شاهدي جي ٻاهرين روپ Form کي ڪاڻ ڏسندي آهي پر تهه ۾ وڃي ان جي اصليت Content کي ڏسندي ۽ ٻنهي ۾ ٽڪر جي حالت ۾ حقيقي اصليت کي ٻاهرئين ڏيک تي فوقيت ڏيندي.

هن ڪيس ۾ قبوليت کان سواء ٻي ڪابہ اکين ڏٺي شاهدي Occular Evidence ڪانهي. قبوليت ۾ بہ تضاد آهي. جيئن واقعو بيان ڪيل آهي، تنهن موجب سر بچاءُ ويو آهي ۽ اهڙي ريت ذاتي بچاءُ جو قانوني حق استعمال ڪيو ويو آهي جيڪو ڏوهہ ناهي. رکو پچاڙي ۾ بدلي وٺڻ جو ذڪر ڪيل آهي. ان جملي جو اصل واقعي سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. اهو فقط پاڻ کي هڪڙي نفسياتي آٿت ۽ جواز ڏيڻ لاء چيو ويو آهي. ڇو تہ جوابدارڻ ذاتي بچاءُ جي قانوني حق جي موجودگي ۾ سو بہ ڪنهن عورت کي اهڙي قانوني حق ميسر هجڻ ۽ اهو بہ خود پنهنجي مڙس جي خلاف، تنهن حقيقت کان اڻ ڄاڻ آهي. ٻئي طرف پلاند جي ڳالهہ هرڪو پيو ڪندو آهي. ان ڪري هن پنهنجي قانوني طرح جائز (پر سندس اڻ ڄاڻائيءَ ڪري خود سندس نظر ۾ ناجائز) ڪم کي بدلو سڏي ان لاء هڪڙو اخلاقي ۽ جذباتي جواز پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو واقعي کان بعد جو Post Facto جذباتي ۽ نفسياتي ويچار آهي! بس، واقعي جي حد تائين ان ۾ پلاند جو ڪوبہ عنصر Factually موجود ڪونهي. پلاند وارو جملو پاڻ ڇوڪريءَ جي معصوميت، اڻ ڄاڻائي ۽ ايمانداريءَ جو ثبوت آهي، تہ هو پاڻ کي هاسيڪار بچائڻ نٿي گهري ۽ جيڪي دل ۾ آيو اٿس سو سواء سوچڻ جي چئي ڏنو اٿس. هن ڳالهہ سان گڏ اسان هن ڪيس بابت توهان جي مدد لاء حقيقت توڙي قانون جي سلسلي ۾ ياداشتون شامل ڪيون آهن. مناسب سمجهو تہ انهن کي بہ نظر مان ڪڍندا. قانوني سنڌون ۽ حوالا ٽي سال اڳ تائين جا آهن. انهن جي چڪاس ڪري باقي ٽن سالن ۾ قانون اندر ٿيل واڌارن کي نظر مان ڪڍي وٺندا، حالات جي شاهدي Circumstantial Evidence پڻ جوابدارڻ جي فائدي ۾ آهي. ڪهاڙيءَ ۽ ان جي وڻ تي نشان جو واردات جي مشيرنامي ۾ ذڪر ٿيل آهي. اميد تہ توهان کي ڪا خاص ڏکيائي ڪانہ ٿيندي.

ايتري ۾ چپ وري چڙيا. ڪريما نيوڙي سندس ڳالهه ٻڌي ڏهڪ ڏيئي چيو: ”بابا خبر اٿئي ڇا ٿئي چوي؟ هنئن ڇمات هڻائين! ڇري ڇٺي تي ايڏي تڪليف ڇو ڪيو؟“

اسين ان ڏينهن موٽي گهر آياسين ۽ ٻئي هفتي موٽي وياسين ۽ هر هفتي ايندا رهياسين. ان وچ ۾ سندس ٻار، سندس ماءُ پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ به اچي ويا هئا. سندن تنظيم جون ڪيئن ساٿياڻيون به ڀاڄڙن يا مڙسن يا لٺي ڀٽي وڏين ماڻن سان گڏجي اسپتال ۾ ٿئي آيون ويون. هرڪنهن وس آهر سندس هٿ تي ڪجهه نه ڪجهه رکيو. ڪي ٻيدا، ڪي گيهه مکڻ ڪٽي آيون. اسپتال ۾ سڀ کيس ڀاڳيريءَ جي نالي سان سڏڻ لڳيون. ڪريما کين سمجهايو هو ته اهو نالو مٽس ساهرن رکيو هو.

ٻن مهينن کان پوءِ هوءَ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويئي. ڏينهن ٻن ۾ سندس اسپتال مان موڪل ٿيڻي هئي. ڪانئس موڪلائڻ مهل مون کيس آهستي چيو: ”ڀاڳيري! ڇڏيو هن ڀيري ماڻهو پاڻ کي ملهه ماري ويا!“ کيس ڇڻ ڪنهن وڇونءَ ڏنگ هڻي ڪڍيو.

”ڇو بابا؟“

سسڻس چيو: ”ادا ٿن الله مارين کي ڏيئڙيءَ جي بندوق جي ڦيرن سان ڪرندي ته مون پنهنجين هنن گنهگار اکين سان ڏٺو وڏيڪ جي پاڻ کي خبر ڪانهي.“

مون چيو: ”ڀاڳيري! تون واقعي بختاور آهين! هن نئين دور جي بختاور.“